ماڻڪ جو ناول

ساهُ مُٺِ ۾



ساه مٿ ۾

(سنڌ ۾ ملٽري حڪومت جي پس منظر ۾ لکيل ناول)

هاڏي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لکشمي مارڪيٽ، الهاسنگر- ٣

● ڪتاب بابت ...

سنڌي ٽائيمس طرفان جدا جدا وقتن تي الڳ صنفن جا ڪتاب ڇپايا ويا آهن، ڪهاڻيون، تنقيد، شعر، مضمون، ناول، ناٽڪ وغيره.

هي ڪتاب ”ساهه هٽ ۾“ ناول آهي. سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي ليکڪ هاڏڪ جو ناول، جيڪو هن جي مرڻ بعد شايع ٿي رهيو آهي. ناول جو پس منظر سنڌ ۾ ملٽري راڄ آهي. هڪ شخص، جيڪو ذهين آهي، بدنام آهي اهو ملٽري راڄ ۾ ڇا ٿو محسوس ڪري ۽ ڪيترو ٿو ڀوڳي. ان جي تصوير انوکي طور ڏني وئي آهي.

روسي ناول ”ڏوهه ۽ سزا“ ۾ جيئن هڪ شخص هلندي گهمندي ڦرندي سمجهي ٿو ته ڪو هن جي پٺيان آهي، ۽ هن جي هر هلت تي نظر رکي رهيو آهي. تيئن هن ناول ۾ به پاڻ سمجهي ٿو ته سرڪاري ماڻهو، جاسوس هن جو پيڇو ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ ان اثر هيٺ ڇا ٿو ڪري، ڪيئن ٿو ڀوڳي. هن قسم جو ناول سنڌيءَ ۾ شايد پهريون ئي آهي.

هن ناول پڙهندي سنڌ جي رهندڙن خاص طور سنڌي پڙهيل طبقي جي ذهني ڪيفيت جي چڱي جاچ ٿي پوي.

SAH MUTH MEN

(Novel)

By: MANIK

●

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
(Phone: 75618)

●

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

●

Printed by
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar3 (Phone70066)

●

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar 2(Phone 70455)

●

Price: Rupees Ten

Year: July 1986

"منهنجي لاءِ سڀ کان ويجهي سڃاڻي
اهائي آهي ته مان هڪ اهڙي ڪال ڪوٺڙيءَ
۾ بند، ڀتين سان پنهنجو مٿو ٽڪريان ٿو،
جنهن ڀتين ۾ نه در آهن ۽ نه دريون."

(ڪافڪا جي هڪ خط جو ٽڪرو)

سنڌ ۾ سنڌي پڙهيل طبقي جو پاڻهران آيل غير سنڌين (مهاجر) ڏانهن ڪهڙو رخ آهي ۽ هو انهن کي ڇا ٿا سمجهن تنهن جو نه پورو عڪس آهي.

ليکڪ ماڻڪ جون ڪهاڻيون سنڌ ۾ نئين ٽهندڙن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪيل آهن. "حويليءَ جا راز" "انام ڪهاڻيون" سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن: "پاتال ۾ بغاوت". اڀرندڙ نسل".

سندس ننڍا ناول (ناولٽ) آهن ۽ سندس هيءُ ناول ڇڱو وڏو آهي.

ماڻڪ جي لکڻيءَ تي ڪافڪا جو ڪافي اثر ٿو نظر اچي. سندس هن ناول لکڻ جو نمونو نه ان ڍنگ جو آهي. ناول ۾ نه هيروئن آهي ۽ نه ٻيون سماجڪ گهٽنائون ئي آهن. سڄو ناول هڪ پاتر، جنهن کي اسان نائڪ ٿا سڏيون، ان جي چوگرد ڦري گهري ٿو ۽ ان سان واسطو رکندڙ حالتن جو جائزو ٿو وٺي ۽ بس.

پهرين جولاءِ ١٩٨٦ع — ناراڻ ڀارتي

ساٹھ مت پر

امن امان

۽ روشن ڪتاب سدائين زنده رهندا

(ماڻڪ/ محمد احمد (محمد سنڌي)
جا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد جو ڪئٽلاگ)

ڪتاب	سال
١- حويلي جا راز (ڊگهي ڪهاڻي) ٻيون ڇاپو	١٩٨٢ع
٢- لڙهندڙ نسل (ناولٽ)	١٩٧١-٧٢ع
٣- رڃ ۽ ٻڍاڻا (ناولٽ ۽ ڪهاڻيون)	١٩٧٦ع
٤- پاتال ۾ بغاوت (ڪهاڻي)	١٩٧٧ع
٥- ڇهه انام ڪهاڻيون (ڪهاڻيون)	١٩٨١ع
٦- سنڌ جا سورهيه (ناٽڪ)	......
٧- ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ (ناٽڪ)	......
٨- ماڻي اڪتاور (اسٽيج ٽيل ڊرامو)	......
٩- زندگي هڪ ڪن (ٽي. وي ڊرامو)	......
١٠- ساه مٺ ۾ (ناول)	١٩٨٦ع

● جڏهن سڀڪڙ سفر هليا

۲٦ جنوري، اڱاري جي ڏينهن، اِي وڳي منجهند ڌاري ٽرڪ ڪهاڻيڪار ”ماڻڪ“ جي اوچتي دردناڪ وفات واري خبر ۲۷ جنوري‌ءَ تي شام ساڍائين ڇهين وڳي تصديق ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ڪوڙ سارن دوستن جو پڌ ٻهڻ دائرو. ۽ وچ ۾ سائين نثار حسيني‌ءَ تصديق لاءِ الائي ڪهڙي اخبار کي فون ڪيو.

سائين فون تي ڳالهائڻ جي ابتدا ڪئي. ته دل ڌڙڪڻ لڳي. ته، اها خبر ... شايد ... نه نه! هو اوچتو ڳالهائيندي، سائين‌ءَ اکين تي اکين ۾ ڇئي ڏنو ”ماڻڪ ختم ٿي ويو.“ جهلڪ پلڪ لاءِ سڀ فرار ٿي وياسين. ٻر ٻرف کي آخر نه ڳرڻو ٿي هيو. ۽ ان کان اڳ جو اکين ۾ ٻرف وجهڻ لڳي/ ٻيڙي‌ءَ جي سوراخن مان پاڻي اندر ڌوڪي چڪو هو ۽ نيشنل سينٽر جون ڏاڪڻيون ڏاڪو ڏاڪو ڪري هيٺ لهي رهيا هئاسين، ته ڏاڪڻ ڌان لهندي ٽڪل وکون کڻندي ائين لڳو، جڻ ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي تيز اڇا بلب رکيا هئا، ۽

ھڪ خط

[ماڻڪ جو اهو خط جيڪو هن پنهنجي مرڻ کان ۱۰-۱۲ ڏينهن اڳ نثار حسينيءَ کي لکيو هو.]

پيارا دوست نثار،

اميد ته خوش هوندين. ههڙي قسم جا خط اڳ ۾ مان لکي چڪو آهيان. وري هڪ ڀيرو ٻيهر ڪرڻ چاهيان ٿو. ڳالهه دراصل هي آهي ته: هتي مون کان نڪو وڪالت ٿي هلي ۽ نڪو ميڊيڪل اسٽور ٺاهيت ٿي اهڙي ٿيل آهي، جو ٻنهي ڏندن ۾ لڳي. جيڪا مون کي ٺٺي اچي. مان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته ڇا اتي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ ڪا جاءِ خالي آهي. اوهان جي چيئرمين شاهه صاحب جو هڪ سٺو دوست هتي آهي، ان چيو آهي ته: جيڪڏهن شاهه صاحب وٽ ڪا جاءِ آهي، يا ڪڍي ڪري ڏئي سگهي ٿو ته مان اهو ڪم ڪرائڻ جي همت رکان ٿو. مون وٽ ايم اي (سوشالاجي) ۽ ايم. ايڊ جون ڊگريون آهن. هن ڏس ۾ پوري تفصيل سان پرستت جواب ڏيندا.

اڄ ڪلهه اوهان ڇا پيا ڪيو. ڪتابي سلسلي ۾ ڪو نئون ڪتاب آيو آهي؟ گهٽ ۾ يار هڪ ڪاپي ته موڪليندا.

ذهني ٿڪ سبب في الحال لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ڪلهه کان ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جو ارادو ڪيو اٿم. ليکڪ ۽ سماج/Establishment جي حوالي سان پڪو ارادو ته ڪيو اٿم ته راءِ ضرور هڪ ٻه پيراگراف ٿي لکندس. پر هر حالت ۾. جيڪڏهن اوهانجو ڪو ڪتاب ڇپيو هجي ته موڪليندا. جواب جو انتظار رهندو.

اوهانجو پنهنجو ماڻڪ

صنف ۾ زندگيءَ جي تلاش جو سفر ڪيو آهي. زندگيءَ
جي ايپاس جا طريقا هر حساس ۽ آدرشي ليکڪ
وٽ پنهنجا هوندا آهن ۽ ماڪ وٽ به هئا. ماڪ
بيشڪ نه نه فقط سنڌي ٻوليءَ جو ذهين ۽ گهڻ
پڙهيو ليکڪ هيو، پر هن جيڪو ڪجهه به پڙهيو هو،
ان ٻابت هن سوچيو به هيو. ماڪ وٽ هر متضاد
سياسي ۽ قومي مسئلي جي لاءِ هڪ راهه هوندي هئي.
ماڪ پنهنجي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي آدرشن
سان وفادار نظر اچي ٿو ۽ اها ڳالهه به پڌري پٽ ڪرڻ
چاهيان ٿو ته ماڪ روايتي آدرشوادين ۽ سياستدانن
وانگر پنهنجا آدرش ماڻهن تي مڙهيا ناهن. ماڪ
پنهنجي ذمرٻل ڏهيءَ جو اڪيلو ۽ منفرد نمائندو
هو ۽ آهي! ماڪ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، ان جي
ٽيڪنڪ ٻوليءَ جو واهپو. جملن جي جوڙجڪ. مواد
جو ورتاءُ، مطلب ته منفرد نثر جيڪو ماڪ لکيو ان
جي ابتدا به ڪانئس ئي شروع ٿئي ٿي. ماڪ وٽ
ماٻوسي ۽ اسپرٽ ئي فيشن طور نه هئي. اهو ماڪ
جي مشاهدي جو ڪمال هو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾
آئوٽ سائيڊر قطعي ڪونه هو. ماڪ . سنڌي ڪهاڻيءَ
لاءِ جنهن (Theme) سان نڀايو، اهو ٻي ڪنهن
جي وس جي ڳالهه نه هئي. هڪ مڪمل آئيڊيالاجي
ڪٿي ان سان نڀائڻ! بس ماڪ جهڙي گهڻ پڙهي ۽
آدرشي ليکڪ جي ئي وس جي ڳالهه هئي. ماڪ

ٻوءِ هيٺ شهر جا رستا، فليٽ، ڪارون، بسون، آسپاس ڪوڙيل اشتهاري بورڊ. هر شيءِ هڪ ۾ خالي پڻ جو احساس. سائين نثار اوچتو هلندي چيو: ”يار سعيد! ماڻڪ جي ٻيٺڪ نروس ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان سوچڻ لڳس ته، موت اهڙي وقت/ سگهه آهي جيڪا ماضي، حال، مستقبل ۾ سڄي دنيا جي ماڻهن، ساهه وارن شين تي حاوي رهي آهي. قلم ته برابر ليکڪ جي هٿ وس هوندو آهي پر هو ان سان پنهنجي تقدير ۽ جمار ته نٿو لکي سگهي، ۽ ماڻڪ به مري ويو، اڳتي هلي اسان مان به هر هڪ کي ڌرتيءَ تي هلي پنهنجو پند ڪٽڻو آهي. اهو طريقو ازل کان هلندو اچي. “ پر ڇا اها ماڻڪ جي وڃڻ جي مهل هئي؟“

”موت کي چاڙهي چئينءَ، ويو وڻجارو اوهري“ مٿان اها به عجب جهڙي دکدائڪ هڪجهڙائي آهي، ته ٻنهي انهيءَ ساڳي (ماڻڪ واري) خوبصورت ايج ۾ ماڻڪ جو ٻيو پيارو دوست ۽ ٻرڪ ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻي به ويچاري پاپي ۽ هڪ ٻٽ ڪري اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ماڻڪ جي ڏات، ذات، فن ۽ فڪر تي ڪمينٽرنگ ڪرڻ لاءِ مان نهايت ننڍڙو آهيان. ”ڏ“ برابر آهيان. ڪهاڻي کان، ناول کان، ناٽڪ کان تنقيد تائين، سنڌيءَ ٻوليءَ جي هن ذهين ليکڪ جي هڪ ٻگهي اداسي پاڙا آهي. ماڻڪ هر

● سنڌيت جي اندروني ايڪس ري

پاڪستان هڪ طاقتور ملڪ آهي. پر ان ملڪ کي ايڏي طاقت ڪونهي جو هن ڪتاب جي ڌماڪي جو زور سهي سگهي. انڪري هيءُ ڪتاب پاڪستان ۾ ڇپجي نٿو سگهجي ۽ هاڻ هندستان ۾ ڇپيو آهي.

—

جام ساقي ١٩٧٧ ۾ چيو: مان ٽيهن سالن کان پاڪستاني آهيان. مان چوڏهن سؤ سالن کان مسلمان آهيان، مگر مان پنجن هزار سالن کان سنڌي آهيان.

جام ساقي ٻارهن سالن کان جيل ۾ بند ۽ مرڻ ڪنڊيءَ تي آهي.

— منير احمد مانڪ لکيو: سنڌي وسالا بند ٿي ويا. هڪڙن کي عهدا مليا، ٻين کي جيل. طارق اشرف. ابراهيم منشي. آرنسٽ فتاح ... ۽ ان کان اڳ لکيو:... نالي وارو سنڌي شاعر، ڪيس وهم ٿي ويو ته ڪيس مارڻ وبندو. (انڪري هن عهدو ورتو.)

—

ڪنهن وڏيءَ ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هوندي ۽ ٻاهران ظاهر ڏيک ويک ۾ جيڪا پُرسڪون زندگيءَ جو استعارو لڳندو هو.

(لڙهندا مڙهندا نيڻا انيءَ جڪا، رڪا ۾ راند ٿري)

ڪنهن رشي منيءَ جهڙي سانت سڀاءُ رکندڙ هي ڪهاڻيڪار، سنڌي ادب جي اِتهاس ۾ مڪمل حيثيت ۾ زنده رهندو ۽ جنهن ٢٦ جنوريءَ جي سانجهيءَ، همت ۾ ڪارا جهنڊا کڻي رستن تي لهي آئي هئي تنهن نواب شاهه جي موهني بزار جي نور مسجد جي ايوان ۾، عظيم ڪهاڻيڪار جي قبر کوٽجي رهي هئي. ٻئي ڏينهن، ٢٧ جنوريءَ تي جنهن سورج ڏاڍي ڏاڍي آسمان تي چڙهي رهيو هو. ماڻڪ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ دفن ٿي چڪو هو. تنهن رات جو مون هيٺ لڪ ڊائريءَ ۾ لکيو:

” گگهه - قبر روشن ٿي وئي !
جڪا اسان هڪ ڏينهن کي دفنايو آهي.“

— نصير مرزا

(هيٺ لڪ ڊائريءَ مان)
(ماڻڪ جي ديهانت واري ڏينهن لکيل)

جناب الف محترمات سان شادي ڪيل آهي. هو ريسرچ جي ڪم ۾ لڳل آهي. ڪوجنا جو موضوع آهي: سنڌين جي نسلڪشي (قومي آپگهات) هو ڪنهن ۽ سياسي پارٽيءَ جو ميمبر ڪونهي. نه ميڙن ۽ جلوسن ۾ ويندو، مگر ٿي سگهندو ته هن جي ڪو جدا ماڻهن کي پڌائي ته:

۱) سنڌي ڪافر آهن (هندو خواه مسلمان). سنڌي ڏاهر جو اولاد آهن. سنڌن وفاداري سنڌ ڌرتي ۽ ماڻهن سان آهي.

۲) (پرنس) هندستان (۽ انگريزي پاڪستان ۾) جي مسلمانن جون بنيادي وفاداريون ڌرتيءَ کان وڌيڪ فاتح ملڪن سان آهن: افغان، مغل، ايراني، عرب.

۳) سنڌين کي مسلمان بنائڻ جي سازش آهي ۽ هر اهو سنڌي مسلمان آهي، جو پهريان پاڪستاني، پوءِ سنڌي آهي! سنڌي وڏيرن اهو اصول مڃي ڇڏيو آهي. ذوالفقاري ڀٽو ۽ پراش بيش جو سنڌي آهي قاسي ڪانيٽو. هڪ رٿائتي ڪوشش ته سنڌين کي غير - سنڌي بڻايو وڃي. (ڊي- سنڌپائيزيشن)

۴) ۽ ڪوشش اها ته هندستان جا سنڌي اتي جذب ٿين ۽ هتي جا سنڌي پنهنجا مفاد گهٽائيءَ جي مفادن ۾ درج ڪن.

جناب الف بنيان ڪڍهن ۽ ختم نه ٿيندڙ ٿيڻي جو مسلسل احساس ته هو پنهنجي رياست مان غداريءَ

وائيس چانسيلر جو عهدو وٺڻ بعد پهرين تقرير ۾ شيخ اياز چيو: مان جنم کان مسلمان، شعور کان پاڪستاني ۽ زبان کان سنڌي آهيان!

ماڻڪ جو هيءُ ناول پاڪستاني آمريت، بربريت ۽ غدار وڏيرا شاهيءَ جي پس منظر ۾ سنڌ جي سنڌين جي تباهيءَ جو مختصر مهاڀارت آهي. ’ساه مٿ ۾‘ سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي. اُن ۾ وجوديت ۽ بعيدالعقلي فٽ ڪيل نه آهي. اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اڀري ٿي. مکيه ڪردار جي مجبوري بنجي شخصي نه آهي؛ مگر اُن نظام مان ڦٽيل آهي، جنهن موجب هر شخص کي فقط ٻن ڪاسائن وچ ۾ چونڊ ڪرڻي آهي ته ڪهڙو کيس ”گهٽ سٺو“ طريقي سان ماريندو. هن لاءِ اليڪشن فراڊ آهي. اهو فراڊ سنڌ دشمن ۽ وڏيرن ڪيو آهي.

ماڻڪ پاڪستان ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ڏسي ٿو. هڪڙا جنکي پنهنجي زمين ۽ الڳ سڃاڻپ آهي. اهي ماڻهو ۽ سندس سڃاڻپ ختم ڪئي ٿي وڃي. ٻيا اُتي آيل فقط ماڻهو آهن، جنکي زمين ڪونهي. هو اڳلن کي هٽائي اُن زمين جا والي ٿيڻ چاهين ٿا ڇو ته هنن وڏيون قربانيون ڪري، جان جوکي ۾ وجهي پاڪستان هٿ ڪيو آهي. جيئن، ماڻڪ لکيو، جيئن ڌاڙيل، جان جوکي ۾ وجهي ٻين جو مال لٽيندا آهن.

ب: اصر؟- ڪيئن نہ مهانگا پيندا. پاڪستان، اصر ۽ عورتون عرب ملڪن ڏانهن روانا ڪريٿو.

پ: رياست پنهنجي دهشت انگيزي اسانکي نپوسڪ ٿي پٽائي. (اسٽيٽ ٽير رزم)

ڀ: سنڌين جو مول مٺو آهي- پنهنجي ٻعدي۽ ٿي ٽاڙيو ن وڃائڻ.

ٽ: اسان وٽ ڪوٺا سستم آهي. انڪري شاهلطيف پاڪستان جو علاقائي شاعر آهي.

ٿ: جي هندو هجن ها تہ انهن ٿئي ها؟- شهرن جا هندو ڳوٺن جي سنڌين ٿي ليزاب ڦٽو ڪن ها؟- ڪين چڙا هڻن ها- سندن گهرن کي پاهيون ڏين ها؟ ... ٺيڪ آهي، اسانکي ماري ڇڏين ها مگر سنڌ کي نہ مارين ها!

ٺ: سامهون واري گهر ۾ پوليس آئي. ڪاليجي ڇوڪرو نہ مليو. صوبيدار گاريون ڏيندي چيو تہ جي ڇوڪرو ٽاٽي ٿي پيش نہ ڪيو تہ سڀ رنون ٽاٽي تي گهلي ويندا سين.

ٽ: (اسان جي سنڌ جي حالت تہ چا ٿو ٿئي؟: ڏسو) عورتن جي شرمگاهن ۾ اوڀارل بيضا ۽ ميرڻ لتيون! ...

ڦ: اسان سنڌين جي ڪمزوري آهي پنهنجي هٺندي خاموشي اختيار ڪرڻ. هڪ قومي خصلت: درويشائي.

—

جي نوڙ ۾ جهليو ۽ مارڻ وڌو ۽ سندس اهو عقيدو
ته ڌرتيءَ سان وفاداري، اها ”غداري“ سندس حق
آهي، جو هُو ڇڏي نٿو سگهي. سندس هر ڦيرڻ لي
هڪ اک آهي، جا بنياد پرستن اهڙن الفن کي جاچڻ
لاءِ جتي ڪٿي لڳائي آهي. چوطرف جاسوس. هو
ڪيڏانهن وڃي؟ - ڀڄي؟ - ڀڄي ڪيڏانهن وڃي؟-
ٻيا ڪيس وهم آهي ۽ ڪيس ٽرانڪولائيزرس وٺڻ گهرجن
جو اسين ’نيوراسز - ايج‘ جا رهواسي آهيون؟ مگر
وهم ڪٿان جاڳيو؟ ڇو؟

هراس. خوف. گهٻراهٽ! زال جا ڪپڙا لاهڻ ڪانپوءِ
اُٿو ليو وڃي ۽ ننڊ جون گوريون وٺي.

مسٽر ”ب“ جو خيال آهي ته شهر ڇڏي ڳوٺ
هلون. ٻيا شهر ۾ رهي سنڌي ڳالهائڻ ڇڏيون. اَجرڪ
نه پايون.

ٻوليوار فساد. سنڌين جون لئبريريون جلائڻ. ڪين
مارڻ- ٻڌڻ - گم ڪرڻ ون يونٽ ۾ سنڌ گم. ۽ ان
تاريخي ماحول ۾ ڪي ويچار:

الف: گوئرنگ جي چوڻي: جڏهن به ڪو شخص
مونسان دانشمنديءَ جي ڳالهه ڪندو آهي، مان
هڪدم کيسي مان پستول ڪڍندو آهيان.

ب: ملاوٽ؟ - بابي ٽي چيو: هندن جي وقت
انهن ڪونه هو!

جي ڏاڍن پيڙن، وڏيرا ۽ ڪامورا شاهي، فوجي راڄ ۽
هر طرح جي ناپرائي سامهون هڪ سختگير نظام مان
نڪر ڪانئي ٿي ته اُن نڪر جي آنيءَ مان سوچ، لوچ
۽ عڪس اندازي پيدا ٿئي ٿي؛ جنهن مان ڪيس
تخليق جو جهجهو مواد ملي ٿو.

سندن وڻن پوٽن ۾ آندي وڃي ٿي ته سندن ۾ انهو سخت
رد- عمل پيدا ٿيو. مارڪ اُن دور جي پيداش آهي.
مگر هو اُن دور جي اڳوانن خواه مارڪسواد، جنهن ۾
ويسهه رکڻ شروع ڪيو، اُن مان پڌرن ٿيو. اڳوانن وٽ
ڪو خاطر خواه نظريو ۽ تنظيم، پئي ته هئا ۽ ڪميونسٽ
پارٽيءَ ٿي، پوليءَ جي مهاجرن جو قبضو هئو، جي
پهرين مهاجر ۽ پوءِ ڪميونسٽ هئا.

مارڪ لاءِ قوم- پرستي خود ۾ هڪ محدود، چيز
هئي، مگر سندس جدت ڪيس هر چيز اُٿلائي پٿلائي
ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ هن ڏٺو ته سندس پير پنهنجي
زمين ۽ وقت ۾ پختا هئا؛ انڪري هو هٿيواد جي
نظرئي کي انيءَ جي جائز زبان بخشي سگهيو آهي.

ڏهه سال اڳ مونکي مشتاق احمد شورو يا مدد
علي سنڌيءَ سندس ناول- ”اڻهندڙ نسل“ موڪليو
ته مون سندس جا اثر انيءَ جهڙي شعاع ڏنو؛
البت لڳم ته مارڪ کي ڪئي ضرورت ڪان وڌيڪ
پا تفصيل ۽ انڪري اُگهاڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ٿو.
اها چيز سهڄ سياوڪ نه، مگر رواجي ۽ ترقي پسند؛

چوطرف هزارين ڪونڌا. ٻليگ آئيندڙ. هڪ هڪ ماڻهو جو وجود ڏڪيندڙ مڪڙ. خالمي جو سلسلو جاري. سڀ هڪ ڇپ جي ٻار هيٺان دٻيل.

اَج مون هيءُ ڪتاب پڙهيو. ليٽي شروعات ڪيم. ٻوءِ پٽ لي ٽيڪ ڏنم ۽ گهڻو وقت ڪرسيءَ لي ٽي ويٺس. مونکي لڳو، مونکي رت جي الٽي ايندي، مونکي لڳو، ماڻڪ نه مئو آهي، ماڻڪ سان گڏ، اڄ، منهنجي اندر جو ٻه، هڪ حصو مري ويو آهي. مونکي لڳو ته ماڻڪ جيڪڏهن هي ناول نه لکي ها ته ماڻڪ ايترو جلد نه مري ها. مونکي لڳو ته هيءُ ڪتاب شاهد آهي ته ماڻڪ جي جوانيءَ ۾ موت جو ڪارڻ هن ڪتاب جي رچنا آهي، اگر هيءُ ڪتاب ماڻڪ جي جيئري ڇپجي ها ته اِهو سندس موت جي اڪيڏيءَ جو اعلان ٿئجي ها.

ماڻڪ، سوشالاجيءَ ۾ ايم. اي. ڪئي ۽ ايم. ايل جي ڊگري ٻه، ورتائين. ڪجهل عرصو بيروزگار رهيو. وڪالت ڪيائين ته ڪنهن ميڊيڪل اسٽور ۾ به ڪم ڪيائين ۽ هڪ دوست ڏي لکيائين: ٻنهي ڌنڌن ۾ لڳي، جيڪا مونکي نٿي اچي.

اهو اعتراف دفتر درج لائق آهي.

فنڪار بنيادي طور هڪ سرڪش انسان ٿئي ٿو. سندس اها سرڪشي جڏهن رسم رواج، سياست ۽ واپارن

● امن امان

خوش ٿيندي: ڏينهن ڪلاڪ سوير ۽ در کوليندي ٿي، قائل اکيون! اٿو سوير! ٻاڪر ۾ ڪٽيندو ساڻس. ٻوءِ چمين جو وسڪارو. پياري ...

ڪي

ساڳيو ٿي آهي -

بلڪل. ساڳيو. ساڳيا مهانڊا. ساڳي چال.

شايد ٿيون ڏينهن ۾ اهو ئي - يا ٻيو ڪو؟ ٻورو ڏيان ته ڏنو هوم. ٻه هاٿي ٻڪ ٿي. ته ڪيو.

... اڇا ڏانئين

هاڻ مان هنڪي وهم چڙهي نٿو سگهان. ٻنهي ته. ٻڪ ئي ٻڪ منهنجي ٻنيان. بلڪل. سواءِ ڪنهن شڪ جي. صاف ظاهر آهي، منهنجي ئي ٻنيان.

هن حالت ۾ گهر وڃڻ گهرجيم؟

بيوقوفيءَ جو خيال. ضرور منهنجي گهر مان واقف

اَدب جي ودروهه ۾ آئي آهي. اهو ودروهه "ساه مٺ ۾" موجود آهي. ان ۾ اهڙين ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن چيز جي اپٽار نه آهي. اُن ۾ ڪُوڙن ٺڪ. ماڪُرن جي ڦهل ۽ مان/مري/ويندس، ٿي خوف مان پڙيل ڪوتائون آهن.

"ساه مٺ ۾" هڪ شخص جي پنهنجي سڃاڻپ پڇاڻڻ جي ڪوشش آهي؛ جنهن ۾ هو باقي ٻين جيان اڪيلو، بيوس ۽ مجبور آهي مگر اُنهن کان مختلف ڪونهي.

جان پال سارتر "بينگ اينڊ نٿنگنيس" بعد "د مٽيريلزم اَينڊ ريوليوشنس" ڪتاب لکيو؛ جنهن ۾ به هڪ مسئلو اي قدرن جي پڇاڻ لاءِ زندگي ۽ سماج، تاريخ ۽ روايت سان منهان منهن ٿئي ٿو. ماڻڪ ڇا ڪري جڏهن نه سنڌ جي حالتن ۾ ڪوبه صفائي ۽ جدلياتي ڦيرو نه آيو آهي؟ هو چوڻ ٿو اڪشن (ڪرم). انجو مطلب نه ناول ايڪشن-ليس آهي ۽ اِها اُنجي سونهن ۽ سگهه آهي. هي ناول هڪ بارود آهي؛ جنهنجي سنڌ کي ضرورت آهي.

مان پاڻ سان بي ايماندار نه ٿيندس اگر مان ماڻڪ مان هڪ اِختلاف ظاهر نه ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو به آهن ۽ بهادر ماڻهو به آهن. اُتي فقط تنظيم نه آهي؛ اِنڪري زور انڪهن بدران تنظيم تي اچڻ گهرجي. پر پوءِ به ماڻڪ آهي. هو چاهي ٿو: سنڌي ڪرم ڪن. ●

سومر ٢٧ جنوري ١٩٨٦ — موهن ڪلپنا

سبب، وڏيڪ سڄاڳ هوندو آهي. پاسي کان لنگهندڙ
هر جڻي کان ڇرڪي پنهنجي سرت سنڀاليندو آهي.
(پا هوشيار ڪندڙ ڇهين حواس)

ٿي سگهي ٿو، اتفاقي اهو ماڻهو، جنهن پاسي
وچ-ي رهيو آهيان، ايندو هجي. پر: ڪلهه، ٽيون
ڏينهن ۽ ان کان اڳ به -

جي هيءَ منهنجو وهم آهي ته پوءِ ڇو؟

ڇا هيئنر مان هن وهم لاءِ پنهنجو نفسي ڇيد
ڪيان. انهن پاڙون ڦوليان. پر سوال ٿو پيدا ٿئي:
نيٺ، موڪي: اچ اوچتو ٿي اوچتو هيڙي قسم جو
وهم ڇو؟ ڪو ته اهڙو سبب ٿي سگهي ٿو. جنهنجي
آثار ٿي هيڙي قسم جي- پوءِ خام خيالي ٿي سهي،
اهڙي. اندر به اهتري پيهي وپل جو
پاڻکي غير محفوظ سمجهڻ لڳو آهيان.

نيٺ؟

نه —

مان هنکي وهم ڪيئن ٿو چئي سگهان، جڏهن ته
هو اڄان به منهنجي پٺيان اچي رهيو آهي. سندس
اکيون ڪيئن نه ڳڙڪائي وڌنديون جڏهن ڪاليج جي
گيٽ مان ٻاهر نڪتس، هن منهنجي پٺ ورتي.
ٻهراڻ مون انکي نظر انداز ڪيو پر پوءِ جڏهن
ڪلهوڪي به.

ڪٿي ٿو رهان. ٻوء گهر نه وڃڻ جو خيال، هن سياوڪ
خيال هيٺ ته جا مصيبت اچي مان اڪيلو ٿي اڪي...
نه اهو ممڪن آهي؟

جڏهن هو منهنجي گهر ۾ مون ڪان واقف آهي
(آهن) نه ٻوء هيءُ ٻنيان ٻنيان؟

(شڪار ڪي ٽاڙڻ لاء!)

ممڪن آهي اهو جاٽڻ لاء، هيٺر ڪيڏانهن ٻيو
وڃان، ڪنهن سان ٿو ملان. ڇاٿو ڪرڻ وڃان. هن ڪان
سواءِ سنڌ ن ٻيو ڪم ٻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. اها سنڌ ن
نوڪري آهي. شڪار جي ٽاڙ ڪرڻ، چوڪسي رکڻ،
جاڻڻ حاصل ڪرڻ، اڪ ۾ رکڻ. ڪي لڳڻ ۾ رٻو رت ڏيڻ.

وري هن جي مٿان ٻيو هوندو. ۽ انهيءَ جي مٿان
ٻيو. جيڪو انڪان مٿي. اعلى. ان جي مٿان ٻيو ...

هڪ جار.

جار منجهه جار.

جارن جو سلسلو:

جڏهن ۾ سڀ قاتل. سڄ ٿي چيو هن ۾ پروفيسر
نالو ڇا آٿس (ٻنهين ڪي ٻ ڪن آهن)

اڇا ٽائين سوٽر جو ٻت

ڪٿي هيءُ منهنجو وهم ته نه آهي، جيڪوان سياسي
ٻڌل، هيسيل و رڪر وانگر: جيڪو عتاب هيٺ هجڻ

هان! هليو ويو
ڪٿي ۽ ڪونه آهي!

عجيب مونجهارو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي. ٿورو ٻيهر ٻڌائڻ ڪيان. ٽوسي ڏسان. سچ پچ هليو ۽ ويو يا گهٽيءَ ۾ لڪي ويو آهي.

هڪ هنڌ ايترو اڪيلو، پنهنجي منهن ايهڙ - پنهنجو پاڻکي اي وقوف لڳي رهيو آهيان. وائڙو - سامهين واري هوٽل ۾ ويهي چانهه پيئان. ۽ جاچيان هو جاءِ هليو ۽ ويو يا ڪٿي ڪنهن پاسي ۾ لڪي

جيڪڏهن هو منهنجي ڪل آهي، مان پاڻ پڃائي/ ڇڏائي نه. نٿو سگهان. جيڪڏهن هو آهي. ائين آهي. سڀ ٿيندو نه. سواءِ ڪنهن ڪامپليڪس جي، (جيڪو ارڙ-چٽو ۽ ارڙ-جاڻل آهي) منهنجي وجود تي سوار— گهر وڃان. گهر ۾ اوسيڙو هوندو.

اوسيڙي اوليل ڪليل اکيون
ڏڏهن ۽ هوٽل ۾ ويهي جاچيان.
اندر ۾ گهٽيءَ ۽ تجسس جو ميلاپ. حال في الحال
نه —

۽ عدم توازن
اڄايو
پوءِ ..

هو بيهي ڇو رهيو ؟

لڳي ٿو گهوري رهيو آهي. لڳي ٿو! نه، ڄاڻي ٻجهي گهوري رهيو آهي. سندس جـون اکيون ڪهڙيون نه ڀڙڪائي ويندڙ- جانڙو وٺي رهيو آهي.

پر مونکي اهڙو ڏيکاءُ ڪرڻ گهرجي، ڄڻڪ سندس گهوَر کان اڄاڻ/بي پرواهه آهيان.

هن گهوُرڻ ڇڏي ڏنـو آهي. پر ذهن تي جو بيءُ پر پوءِ

اها هڪ حقيقت آهـي. جڏهنڪي مان ذهن جو دوکو ڇڏي ڏئو سگهان- ڇهه، نه- نڪو حواس جو. نڪو- بلڪل ساڳي حالت: جيڪا مهينو اڳ پروفيسر.

(هن ٿـي پڌايو هو ته سائنس دانن هڪ اهـڙو اسڪرين ٺاهيو آهي، جيڪو هر گورنميدت وٽ آهي. جنهن وسيلي هڪ عـام شهري جيڪو سوچي ٿو، تصور ڪري ٿو، ڪجهه ڪرڻ لاءِ ويچاري ٿو، رٿـي ٿو، يا ڪو رد- عمل، سو جهٽيو وٺي) پڌائي ٿي. ته: سندس پوپان ڪو ڪهڙي رپٽ ڪئي ۽ هن ڇا محسوس ڪيو هو.

۽ پ و ء راس جو هڪي سيڪيو رٿيءَ وارا وٺـي و يا هٿا.

اسڪرين واري ڳالهه. ڄاڻي ٻ، انهن ٿـي سگهي ٿو! پا هن علامت طور

دلچسپي. پيا لڳا هئو. مان هڪ غريب نوڪريءَ وارو ليڪچرار جنهن جي سوري دلچسپي علمي ڪوجنائن تائين محدود. ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به ڪرت نه. محدود سرڪل.

نه —

مون غلط سوچيو:

منهنجي هن سان نه، پر هن جي مون سان دلچسپي ڇو؟ سوال اهو آهي -

ذهن ٿيڙ ڪائي رهيو اٿم، جو مان صحيح ڍنگ سان سوچي به نٿو سگهان.

هي هوٽل ۾ ويٺل مونکي تڪيندڙ! اهو منهنجو وسوسو آهي؟ من جو ڀرم. هيءُ نه مان شعوري طور سمجهي ۽ محسوس ڪيان ٿو ته هو مونکي- هوٽل ۾ ويٺل، انساني مهانڊا، جيڪي انسان نه آهن. جيڪي انسان جا مهانڊا پنهنجي چهار آهن پٺيهن سالن کان تسندو رهيو آهيان؛ عجيب، اوپرا، پنهه اوپرا لڳي رهيا آهن. ساڳيا انساني چهرا

اکيون

نڪ

وات

مڇون

ڪلين شيو،

چپ

هان! پگهر نه! ڪياڙيءَ ونان وهي رهيو آهي! ۽ دل جو ڌڙڪو، جنهن جو مونکي هن مهل تائين ڄڻ ته احساس ئي ڪونه هو. اڻ ٿڻ لڳي ٿو ڪجهه ڪمزوري ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ مونجهارو.

سٺو ٿيندو هوٽل ۾ ڪجهه وقت ويهي چاهيان ٿو-

عجيب آهي. چانهه جو چيومانس ته اٿڻ لڳو. ڪٿي ائين ته ناهي منهنجو چانهن ٻپ ۽ ڳڻتيءَ ڪري مهاندا ئي ڦري ويا هجنم. عجيب لڳنـــدا هجن. (ڇا منهنجا مهاندا ڦري ويا آهن؟) يا هيءُ به انهن منجهان هڪ هجي. جيڪو خـــاص انهيءَ مقصد سان هتي هوٽل ۾ نوڪر ڪري ويهاريو ويو هجي. ها، هن جيڪا ڳالهه ٿي ڪئي اسڪرين جي، ته انجو اهوئي مطلب ٿي سگهي ٿو ته، هر هنڌ، هر طريقي سان هن کي فٽ ڪيو ويو هجي. ۽ هيءُ ٻئرو به انهيءَ اک جي ماڻڪيءَ جو هڪ حصو هجي. جنهن جو ڪم آهـــي ڏسڻ. عـام خلق کي جاچڻ ۽ شڪار ڪرڻ. ڪاليج ويجهو آهي. شاگردن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ بلڪل ٿي سگهي ٿو. هتي، هن ملڪ ۾ ڪجهه به ناممڪن نه آهي. جهڙي ريت- اها ڳالهه عام آهي ته فقيرن جي ٻهروپ ۾ گهمندا آهن ۽ اڄڪلهه ته سادي، عام رواجي ڪپڙن ۾.

پر سوال آهي ته منهنجي انهن سڀني سان ڪهڙي

اونو: ٿي سگهي ٿو انجو سائي هجي. جڏهن مون چانهه پٽي پيتي ان وقت شايد هن ٻاٽم صلاح ڪٽي ٻر هيڪڙ جيڪو ٻنيان اڇي پيو سو ته هوٽل ۾ وڻل هو.

اهو مونکي گهوُري رهيو هو.

ٻلڪل. ٻلي ٻيع ياد اٿم.

ٻورو وڀساهه: ٻڪ ٿـي ٻڪ مٺهڙو ٻيڇو ٿـي رهيو آهي.

(پڃان)

ماٺهو ڇا چوندا. (ٻر هتي ته ڪوٻه ڪونه آهـ ي. سواءِ هن جزا ڪان) جيڪڏهن ڪيس سر وٽو هٽان.

ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿو آهيان. ٻـاٽمرادو. نيٺ بڄان ڇو ٿو. هان! بڄان ڇو ٿو؟ چڱو ٿيندو ته همراهه سان ڳالهايان. پڇانس: نيٺ ڇـو- ميان مٺهڙي ڪي پيو آهين؟ ساٽس ڳالهائڻ سان سموري ڳـالهه پڌري ٿي پوندي. ته نيٺ ڇو؟

ساٽس ڳالهائڻ مناسب ٿيندو؟

نهيو. ڇڏيس. سڌو گهر ٿو وڃان. جر ڪجهه ٿيندو، ڏٺو ويندو، گهر جي خيال اچڻ سان سڄي جسم ۾ ٻاڃ ڪانئيندڙ سرڙات.

گهر: ويران. سمورو سامـان اٿليل پٿليل. ڙال، هراسيل. دٻيل سڏڪا ڀريندڙ. ٻهه موڳي

ڪمبٽي

ٺهڪ
اڀاڙڪا مهانڊا
رت نڪتل جسمن مان
انساني چهرا
زو —
زوءَ جي ٻچڙن ۾ قاتل
ڪيڏا اوپرا

هيڏڻ اُئان. هو همراهه. هتي نظر نٿو اچي. معذلي وڃو هليو. ٿڌهن اهو هڪ حادثو هو. ڇاڻو چئي سگهجي: حادثو؟ خيال جي خطا؟ من جو دوکو!

ڪٿي نظر نٿو اچي. هليو ويو. يا هوئي نه. عجيب مشڪري. ٻگهر نه - ڇائي ؟، هي مون سان لاجواب ٻوڳ. ٽيو آهي. دردناڪ ٻوڳ. ٽيو آهي دردناڪ ٻوڳ.
اوچتو: لڪيل، من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ دٻيل ٻڌٽي:
مٿان!
احتياط جي نظر ڇوڌير: ڪجهه، نه، نظر ايندڙ. سڄي گهٽي خالي. ويران. ٻوءِ ۽ هيسيل. ٻپ پيهي ويل اندر، اونهون. لهندڙ.
ڪڙڪو
اوچتو ڇرڪ: اجهو!
دل ٻڏندڙ.
ٻر هي ساڳيو ناهي. ٺڪاءُ.

"هوش ۾ نه آهين."

ڊيل ڪل سان حيرت.

"تون نٿي سمجهي سگهين مهرباني ڪري ڪرڻ."

ايلاز

"حيرت آهي. نيٺ ..."

"ٻڌايان ٿو اندر نه هل."

وائڙي.

"ڪير ٿا ڪونه آيو هو؟"

"نه، هتي نه ڪير ٿا ڪونه آيو هو!"

ٻگهو ساهه.

"منهنجو ٻچڙو ٿي رهيو آهي."

"ٻچڙو!"

"ها."

"ڪير ٿو ڪري؟"

"تون سمجهي نٿي سگهين."

"تون سمجهيو آهين."

نٺول واري ڪل

"تون مشڪري ٿي سمجهين."

چڙ، ڪاوڙ مان.

"نه نه. پر منهنجو نمونو ٿي اهڙو ٿي ..."

"مونکي ٺڳ نه ڪر."

لکيون وکون.
وکون، لکيون

"ڊڄ؟ ڪيئه ؟"
"هان!"
وائڙپ.
"خير ته آهي؟"
"الي خير آهي ؟"
نهار منهن ۾. عجب پريل، قاتل اکين سان.
"ڏسين ڇا ٿي ؟"
مرڪندڙ آواز
"تنهنجي ..."
"هتي ڪير آيو ته نه هو ؟"
"نڪو."
"ڄاڻي ٿو."
ٻڪ لاءِ وڄاءِ.
"ڪير اندر!"
"ڇڱيءَ طرح اندر ڪيئي ؟"
"ڇڱيءَ طرح؟"
"ها، ڪڙو چاڙهيمس
"ءُ ڪرف!"
"ها ها، ڪرف."

"ٻس، گھڻو ڳالھائي مونکي پريشان نہ ڪر."
ڳڻتي، پريشاني لڪائيءَ سان ٻڪندڙ.
هڪ ٻئي کي خاموشيءَ، ايوسيءَ مان ڏسندڙ.

"ڀلا ماني نہ کاءِ؟"

"بک ناهي."

"جيڪڏهن ڪو مٺو ماڙهو تنهنجي پٺيان."

"هش! يقين ڪي بہ ڪن آهن."

"بس، هاڻي گھڻو ٿيو. اصل ۾ تنهنجي ڪل ڦري آهي. هيءُ جي تون مضمون ٿو لکين ۽ هيڏا سارا ڪتاب پڙهين، سوچيندو ٿو رهين، انڪري تون سودائي"

"ڇ! ڇا تون اِس نہ ڪندينءَ."

"منهنجي سر جا سائين، اهو تنهنجو سوداءُ آهي. تون ڪتاب پڙهي پڙهي ۽ لکي لکي."

"مون پاڻ اهو سمجهيو. ڪٿي اهو منهنجو سوداءُ تہ نہ آهي. پر نہ، منهنجون اکيون مونکي دوکو ڏئي نٿيون سگهن. جڏهن مان ڪاليج جي گيٽ مان ٻاهر نڪتس، هن منهنجي پٺ ورتي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهنکي مان سوداءُ يا وهم چئي نٿو سگهان."

"۽ ها، ٽيون ڏينهن ۽ چوٿون ڏينهن بہ، جڏهن گھر پئي آيس، تہ مون سمجهيو تہ منهنجو بہ پيڇو ٿي رهيو آهي."

"تون مونکي سمجهاءِ نه سهي، تنهنجو پيڇو ڇو ٿو ٿئي، ڪير ٿو ڪري."

"اها نه مونکي به خبر ڪانه آهي."

دبيل ڪِل. روڪڻ لاءِ چاڪوڙ.

"تون انهيءَ ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهين."

"اهو نه مان به ڄاڻان ٿي. پر ..."

"ضروري ناهي نه ڪنهنکي ٻڌايو وڃي."

"ڪي لڳندڙ ڪان گهٽ ۾ پڇين نه ها -"

"مهرباني ڪري معاف ڪر. تون نٿي سمجهين- بس اڄ نه سڀاڻي مان به -"

"ڳالهه ڪا مهاڙ!"

"تون انهيءَ کي نٿي سمجهي سگهين نه."

"نه پوءِ ڪٿي -"

"معاف ڪر. مان توکي ڪيئن سمجهايان."

(ڀتين کي به ڪن آهن)

ائي وسي.

تعجب واريون اکيون گهوريندڙ.

"ها، ڀتين کي به ڪن آهن."

ڀٽڪو.

"ڀتين کي به ڪن آهن! پيارا، هي ڇوڻ ڇا ٿو! تنهنجا هٿ ڇو پيا ڏڪن. ۽، هاءِ! منهن جو رنگ نه —"

” اهو تہ مان بہ سمجهان ٿو. منهنجو ڪو واسطو ڪونہ آهي. پر ۽ بہ اهي منهنجي ذهن ۾ اوچتو ئي اوچتو سوال ٿي ويا آهن.“

” اجائي ڳالهہ. جيڪر هو مٺو منهنجي پويان هجي ها تہ ضرور گهر تائين پيڇو ڪري ها، تو سان ڳالهائي ها.“

”جائي بہ. اهو ڪيڏو نہ عجيب آهي. احمقانا بہ.“

” ۽ پوائتو بہ.“

” تون اجايو ٿو، هاڻي ڪپڙا مٽي هٿ منهن ڌوئي تازيڪو ٿيءُ.“

”سچ ٿي چئين، مان پاڻ ائين پيو سوچيان. پر پُٽ، مهرباني ڪري هڪ گلاس ٿڌو پاڻي پيار. اصل اهڙو جو اس.“

” ! “

”ها. خبر ناهي ڇو سخت تاس لڳي اٿم. جڻ تہ نڙي خشڪ ٿي وئي آهي.“

” ڇا پيو ڏسين؟ “

” ڪوڪي. ڏاڍي وڻين ٿي.“

” واهہ! ۽ ڇا پيو سوچين؟ “

”ڪجهہ بہ نہ.“

” پُٽ، وڃي ڊاڪٽر سان صلاح ڪر.“

ٺهڪ.

"منهنجو ۽ —"

"اي منهنجا رب ٻاجهه ڪجانءِ."

"ائين نه ڪر. هي سڀ ڪجهه رب جي ذاتي ۾ ئي ٿيو آهي":

"هڪ الله، هڪ رسول، هڪ دين، هڪ قدم،"

"مان ته چوان ته هنن اڙدوي مسلمانن جهڙا"

(يتيمن کي به ڪن آهن)

"ٿس، مونکي اجايو ڳالهراءِ ٿو.."

چڙ، چڙٻ، اي وسي.

"نه نه يتيمن کي به ڪن آهن."

نٿول واري مرڪ.

"تون نٿول ٿي ڪرين."

"بس هاڻي الله ڪسي - او، نه سچ. ڇڏ اهو سوداءُ."

بيزاريءَ مان هٿ ٻڌل:

"ٻلا هاڻ آرام ڪر. ته دماغ"

"روئين ٿي ڇو؟ روئي وڌيڪ پريشان نه ڪر. اهو منهنجو سرداءُ ڪرڻهي، حقيقت آهي. خانگي ڪچڙن ۾ ڪاليج جي ٻاهران هو."

"پر انهن سڀني سان تنهنجو واسطو ڪهڙو. جو اجايو ڪٽي."

"ها."

" حالتن جي ڪري. ھا، حالتن جو ڏوھ. ڏس تون ان ڳالھ کي سمجھي نٿي سگھين تہ منھنجي ڪيڏي ڪير هو. تون چئين ٿي تہ اھو سوداءُ آھي. پر منھنجون اکيون ۽ حواس مونکي دوکو ڏيئي نٿا سگھن. اھا تہ ھڪ عام رواجي ڳالھ ٿيندي پئي وڃي. اڄا ٽاڙو ھفتو اڳ اسانجي ھڪ پروفيسر جي پٺيان لڳا، ۽ ھو رات جو اوچتو گم ٿي ويو. تون پاڻھي سمجھي وٺندينءَ. تہ اِئين ڇو ٿو ٿئي. اسين، سڀئي آھيون تہ. انڪري—

" پر تون اڄتي پاڻھي سمجھي وٺندينءَ - "
جھٽڪ ورتائين.

" تون روئين ٿي. مونکي بہ روئڻ ٿو اچي. تون سمجھين ڇو ڪونہ ٿي. اھي حالتون منھنجون پيدا ڪيل ڪونہ آھن. جيڪو منھنجي ڪيئي ھو، سو منھنجي دماغ ۽ حواسن تي ڇانيل ھو. جيتوڻيڪ اِئين ٿيڻ تہ گھرجي ھا. ھمت کان ڪم وٺڻ گھرجي ھا."

"ھمت کان. جو، اڻ سڌيءَ طرح اھڙن حالتن کي اسان پاڻ ٿي سڏيو آھي. اسان—

ھو اسان سڀني جي ڪئي آھن. ۽ ھڪ ڏينھن جنھن ھن ڏريءَ ٿي."

"بس ھاڻي! خدا جي واسطي بس ڪر. آرام ڪر، توکي

”ڇرلو سمجهڻ لڳي آهين، ڇا. نه نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي.“

”ڀلا ماني نه کاڌءِ.“

”تو کاڌي آهي؟“

”نه.“

”تون کاڌءِ. جيڪڏهن توکي بک لڳي هجي. ضرور توکي بک لڳي هوندي.“

”ها، تون ماني کائي ڇڏ. مان پوءِ ڏهر سان کائيندس. جيڪڏهن بکي لڳي ته.“

”پر پياري! تون چپ چپ ڇو آهين؟“

”در اصل“

”ڏس، تون ڪا به ڳڻتي نه ڪر. مونکي ڪجهه به ناهي ٿيو؛ ها! هيڏي مونڏي نهار: مونکي معاف ڪري ڇڏ.“

پڇتاءَ.

”معاف! هي توکي ٿيو ڇاهي؟“

حيرت.

”سوال مون توکي ڇڙيو هو نه: ڇڙ مان پا بيزاري ۾ مان. اهي لفظ پاڻمرادو اوچتو منهنجي زبان تي اچي ويا: پڪ نه ڪر.“

”مون به محسوس ڪيو هو. ڏک، ٿيم پر ٿيو چاٽي واٽي ته ڪونه ڇيو. اهو سڀ ڪجهه ...“

”بس، ويچاري مڙهي کي گهلي ويا. چيائون ٿي ته ڇوڪرو سياست ڪندو هو، سرڪار خلاف انڪري.“

”مونکي ته قياس ٿئي آهو ويچاري پوڙهي ٿي. اڃا وار، ڏاڙهيءَ مان پٽي ٿي گهليائونس. صوبيدار ڪچيون گاريون ٿي ڪڍيون. چيائين ته ڇوڪرو پيش نه ڪيئو ته سڀ رنون ڏاڙهي تي گهلي ويندا سينؤ.“

”هون.“

”سڄي پاڙي ۾ هراس آهي.“

”دريءَ مان ليئو پائي ڏس، ٻاهر ڪير بيٺو ته ڪونه آهي.“

”ڪير هوندو. تون ته هروڀرو.“

اٿ، وٺندڙ ڇڙ.

”نه نه ڏس. تون نٿي سمجهين.“

”ڪير به ناهي.“

”چڱيءَ طرح چوڦير نهاري ڏٺئي؟“

”ها ها. هاڻ آرام ڪر.“

بيزاري.

جاڳي به مون ڪجهه به ڪونه ڪيو آهي. پوءِ به نه ڄاڻ ڇو، اٿين محسوس ٿئي ٿو: ڄڻ مون ڪجهه

آرام جي ضرورت آهي."

"مان هن وقت تائين انهيءَ واقعي بابت سوچي رهيو هوس. بيشڪ منهنجي لاءِ اهو نئون آهي، پر مون پاڻکي ان لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو هو."

"خير، ڇڏ انهيءَ کي. سڀاڻي ڪاليج ۾ پتو پئجي ويندو. يا پاڻمرادو ذهن مان به تو معاف ڪري ڇڏيو نه؟"

" اوهان نه اجايو —"

" مون پاڻ ائين نه وچاريو ته: شايد اهو حادثو ٿي هجي. پر جيڪڏهن حادثو هو ته: اهو وسوسو / خامخيالي ائين ڇو اڀري؟ ڇو؟ نيت ڇو؟"

"هاڻي ڪٿي پڇر ڇڏينس. منهنجا ته لڱ ٿي ونڃي ويا آهن. ها، ٻي ڳالهه ٻڌائي: تنهنجي اچڻ کان ڪلاڪ ڪن اڳ پاڙي ۾ پوليس وارا آيا ها. سامهين گهر ۾ جيڪو ڪاليجي ڇوڪرو رهندو آهي تنهنکي پڪڙڻ."

" ڇو؟"

ڊڄندي. ابهرائي.

" ڇوڪرو گهر ۾ ڪونه هو. ٻـا لڪي ويو هوندو. خدا کي خبر.

پوليس وارا پڻس کي وٺي ويا."

" ڇو؟"

اڻ - ڄاڻ. اکيون ڦاٽل.

” پڪ لڳي ائين؟ “

” پڌ نه. پڪ نه مري وئي آهي. تون ڳڻتي نه ڪر. پاڻهي ننڊ اچي ويندي “

” ڊائيزا پام ڏيانءِ؟ “

” نه نه. هي ڏس، ڪٿي مونکي بخار ته نه پيو ٿئي. ائين سمجهان پيو ڄڻ... “

” تنهنجا لڳ ته بلڪل ٺڌا آهن. وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچ. هتي پر ۾ ته آهي. ۽ پنهنجو ته. “!

” نه، اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهي. “

” ڀلا مـان هتي گهرائي وٺــانس. هليو اهڙين ايندو. “

” نه نه. اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهــي. مونکي ڊائيزا پام ئي ڏي. پاڻهي ننڊ اچي ويندي. “

چڙٻي ساڻس زيادتي ڪئي اٿم. ائين ته ڪرڻ کپندو هو. ٿي ويو، پاڻمرادو ۽ محبت، جيڪا ساڻس اٿم. انجو مطلب ٿيو ته اها انهيءَ خوف هيٺان دٻجي وئي. يا ڪچلجي. جيڪو منهنجي مٿان ڇانيل هو. هاڻ ته هينءَ کپندو هو: خوف ۽ انجي نتيجي ۾ غير سلامتيءَ واري شديد احساس هيٺ، ساڻس چمبڙي وڃان هان. آسيس ۽ تحفظ جي احساس لاءِ ۽ انجي تسڪين. جيئن ڪو ٻار ٻڌل، ڀاڄ وقت، پنهنجي لي نظر ٿوڻ سان ڪندو آهي. پنهنجاٿيپ ۾ پناهه وٺڻ

ڪيو آهي. ڏوهه! مون ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي. نيڪ نيتيءَ ۾ صفائيءَ سان پورو پورو ويساهه اٿم. ۽ منهنجي زندگيءَ جي روٽين ۽ مختصر سرگرمي. پوءِ به ڏوهي هجڻ جو، عتاب هيٺ اچڻ جو ڇو احساس. يا ڪجهه نه، ڪجهه اوچتو ٿيڻ جو، جيڪو ڀؤ وارو ؛ انهي احساس هيٺ ۽ انهي ڇڪتاڻ ۾ ذهني ۽ جسماني ڇڪتاڻ، جنهن ۾ سوڪا ۽ ڪرنڙا امنگ مرونجي ويل. انتهائي بي رحميءَ سان. ائين مان ٿي محسوس ڪري پيڙجان ٿو يا هر جڻو، جيڪو هتي رهي ٿو؟ پروفيسر ٿي چيو ته: مان به - ۽ هون، هان، هون به — معلوم ٿو، هر اهو جڻو، جيڪو شعوري طور ويساهه نٿو رکي، يا انڪاري آهي، يا نظرن ۾ آيل- ۽ اسان سندي جيڪي اکين ۾ ٿيل- هتي اهو سوال فضول آهي ته، اختلاف جي آزادي يا انجو اظهار. تڏهن، هن صحيح ٿي چيو ته: هر اختلاف غداري آهي. ۽ غداريءَ جو حق مڃيل هئڻ گهرجي. پر، گهرجي؛ اهو سوچ جي حد تائين ٿي، ڪير نندا ڪري سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن سگهه آهي ته پوءِ

" تون اڃان جاڳين پيو! "

" جي. "

" مهرباني ڪري سوچڻ ڇڏي ڏي. اجايو تون پاڻ، ۽ مونکي به پريشان ڪري رهيو آهين."

" نه، ها! منهنجي ننڊ اڏامي وئي آهي. "

نه پياري آهين. مان انوکي اجايو هلاڪ ڪري رهيو آهيان نه. مونکي ڏاڍو شرم ٿو اچي."

"ڏس نه، منهنجي سيني اندر جرات.."

"سيرپ آڻي ٿي ڏيانءِ."

"تون پريشان نه ٿيءُ. مان ڊانيزا پاڻجون چار-پنج گوريون کاوان ٿو. پوءِ ڏس نه ڪيئن نه مزيدار ننڊ ٿي اچي."

چار-پنج!"

"نه نه. ڪجهه ٿي نه پوئي."

"ڇا ٿيندو. ڪجهه نه. تون ئي فڪر رهين. اسين نارڪوٽڪ دور جا رهواسي آهيون. نارڪوسس اسانجي روزمره زندگيءَ جي اهم ضرورت آهي. ۽ سيڊاٽو دوائون اسانجي خوراڪ جو بنيادي عنصر. هنن کان سواءِ ته اسين جيئرا به رهي نه سگهنداسين. زنده رهڻ لاءِ ۽ زندگي ماڻڻ لاءِ. اهي لازمي آهن. نه نه. ڪجهه به نه ٿيندو. اڄ مونکي ڇمي ڏي."

"ٽي وساءِ"

"پاڪر ٻاءِ."

"ها، اڃا زور ڏي."

اوتارو

اونده

لاءِ ۾ مون کان انهن نه ٿيو. مرد همت ڪري نه. منهنجو ساٿس اهڙو ناتو ناهي اصل ۾ ڏهڪاءُ ۽ ڏپ، منهنجي جبلي ضرورت. ۽ انجي اظهار کي ڇپائي ڇڏيو. ڪيڏو ڀوائتو. هن دل ۾ نه ڪيو هوندو. ۾ مونکي پاڻ تي ڪنٽرول رکڻ کپي ها. مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. (اي وسي) جڏهن نه هيءَ ڏهڪاءُ ۽ اسان تي ڇانيل ڏپ انسان واري جبلي اظهار کي نه ڇپائي ڇڏي ٿو. هاڻي خيال رکندس. نيٺ هوءَ منهنجي حياتيءَ جي ساٿڻ آهي. خيال رکندڙ ۽ مخلص اها ڪيڏي نه ٿڪجبي آهي. جو ان ڇانيل ڏهڪاءَ ڪري محبت ۽ انس جا جذبا مرونيل ۽ انهيءَ ڪان ڇڙو تعجب آهي. اهيئن ٿي آنڊو ويجي رهي آهي. سڀني اندر جي، سڀڪجهه ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي.

هيڏانهن ته منهنجي

"ڇو!"

"سيڪو سڙي ..."

"مون توکي چيو نه خالي پيٽ نه سمهه. ڊاڪٽر توکي اڳئي جهليو آهي نه -"

"ها. هن ڀڄائڻ هو ته السر نفسياتي پيڙا کان ٿيندو آهي."

"مونکي نه سمجهه ۾ ٿو اچي."

"ٿس پياري. تون رءُ نه هيڏي ٿس، تون ڪيڏي

ڪاليج جو ورانڊو، ڪٽا ڀڪندڙ
پلينگ ورتل ماڻهو
ٻوڙن جا ٽڙڪا
وائيفلن جا ٽڙڪا
لپ رپٽ لپ رپٽ لپ رپٽ
ٽڏڙ اڏامندڙ، ٽڪي ٽڏڙ
ٽڏڙ ۾ ورتل سڀ ڪجهه
اونده
ٽڪيون ڀڄانڀيون اکيون ٽڪيندڙ. اونده مان
اونده ۾ چمڪندڙ اکيون
سيني ۾ ڪر چڙهيل
ساهه ٻوساٽجندڙ
اٽڪل لاءِ سوچ
ئي وس اٽڪل ڪان
سيني ۾ چڙهيل، انتهائي ٻوڙ ورتي
گهو گها
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ٻوساٽجي مري ويندس
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ساهه ٻوساٽجندڙ
اکين اڳيان اونده
گهري، ٻاٽ اونداهي چوڦير
اونداهيءَ ۾ ڦهڪو ٿي ڪريل

اونڌهه ۾ ڦٽندڙ ڦڪي روشني
ڏونڌاٽ
ساهه ٻوساٽيندڙ ٻانس
لڪي ٿڪ ۾ گهڙي ويندڙ
ڦڪو، ٿوٽ ميدان
ميدان ۾ ڪتا ٻڪندڙ
پنج ڇهه اٺ نو ڏهه سؤ هزارين
ٻوڙون ٻائيندڙ ڪتا

ڪتا قطارن ۾ ڪتن جو رنگ خاڪي
خاڪي وردي ۾ ٻراٻر
قطارن ۾ ٻراٻر
ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ
بوٽن جا ڳرا آواز

ڪتا ٻليڪ آٽيندا آهن
ڏپ
ماڻهن جا لاش
ڏلها ڪتا، مڇن سان
پٽيندڙ ماڻهن جا لاش
ٻنل هراسيل موڳا ماڻهو
ڪتن جون قطارون
ڪاليج جو ميدان: خاڪي وردن ۾ فوجين جي-

ٽ-ر-ٻ

"ڇو، اَڄ ڪاليج نه ويندين؟"

"ويندس."

"پوءِ اڃان سُتو پيو آهين؟"

"اُٿڻ تي دل نٿي چوي."

"اهو گولين جو اثر اٿئي. موڪل جي درخواست ڪري موڪل."

"هان."

"ها."

"چڱو سو چيان ٿو. چانهه نه پياريندينءَ."

"ها، ڇو ڪونه. تون اٿي نه سهي، ڪٽي ٿي اچان"

"انتهائي ڪنهي ڀانس پئي اچي. هيٺ ڏس، ڪا مٽل شي نه ڪانه پئي آهي."

"مٽل شي؟"

"متان ڪتو پٺو هجي."

"مونکي نه ڀانس ڪانه ٿي اچي. ۽ نه ڪي ڪو ڪتو مٽل آهي."

رات مون پوائنتو خواب ڏٺو. ڪتا ڀڪي رهيا آهن. ۽ پوليس وارا / فوجي پريڊ ڪري رهيا آهن. خاڪي وردين ۾. يڪدم خيال اچيم ٿو، ڪتا ڀليڪ آئيندا آهن. پوءِ انتهائي وڏو ۽ وڙلي ڪتو مهڏجي چانيءَ تي سوار ٿي ويو آهي. سندس مڇون ۽ وات رت ۾ ٻڏل آهن. انهيءَ مان ڪنهي ڀانس پئي اچي، ڪتا ڪيترن ماڻهن کي ڏکي رهيا آهن. اهي ماڻهو سنڌي آهن.

ڏلهي ماڻهوءَ جيڏو ڪونو سيني تي چڙهيل
واسه، مڇون رت ۾ ٻڏل
منهن تو سيندڙ
ڪني ڏپ
دل ڪهي: ايڙڪو ڏني ٻاهر اڇلون ڪاٽيندڙ آنڊا
اوڪارو
ڏلهي ڪتي جا چنبا سيني، پيٽ تي ڪنڪتاٻون
ڪيندڙ ڏپ
اورت
خاڪي رنگ جا وار. پيٽ ڦوڪيل ڪتو. مڇون،
وات رت ٻڏل
نڪيندڙ جسم کي
ڪني ڏپ
اوڪارو

چرڪ سان: هان!
”ٻاسو وراني سمهه.“
” هان! “
” ڪلمون پڙهي ٻاسو وراني سمهه “

صبح
لڱ ساٽا. اٿڻ لاءِ دل نہ.

” ٻاھ ڏيندس. تون تہ صفا سوادي ٿي پيو آھين.
ھاڻ خلق ڪلائيندين.“

” جيتوڻيڪ، ڪلھ جيڪو ذھن تي اثر ھو، سو
سمجھان ٿو تہ ختم ٿي ويو آھي. اھو ھڪ خواب
وانگر لڳي ٿو. عجيب ۽ مضحڪہ خيز ھو انجو ٻڙاڏو
جھٽڪو، خير ڇڏ ان ذڪر کي.

” چانھ جو پيو ڪوپ. جيڪڏھن توکي تڪليف
نہ ٿئي.“

” نہ ٿي پئي آھي. ڪٿي ٿي اچان ٿو. تون ھيءُ
تہ ٻڌاءِ، اھو تڪليف وارو ڳالھائڻ ڪٿان سکيو آھين؟“

مرڪ. شوريل اکيون: ماٺي سان.

” تون وري مونکي اڄ - ڇريو سمجھندينءَ.“

” نہ نہ. تون خاطري رکہ.“

مرڪ.

” دراصل، تنھنجي لاءِ منھنجي دل ۾، محبت ۽
احترام اڇل کائيندڙ ڦوھاري وانگر اٿرو تہ وڌي“

” تون پڇندينءَ تہ، ڇا اڳہ نہ ھئي. ھئي. مان چوان ٿو،
تنھنجي لاءِ محبت ۽ احترام ھا، پر ھينئر... دراصل
مان توکي سمجھائي نٿو سگھان. ھا، ھڪ خوف ۽
انديشي ھيٺ تہ، مان توکان جدا ڪيو ويندس. ۽
اوچتو، انھہ اوچتو ڪو عتاب ڪڙڪندو“

” مان توکان جدا ڪيو ويندس. ۽ ھڪ اھڙي محبت
۽ خيال، جيڪو ٻين موڪلائيندڙ دلين جي وچہ،

ها ۽ بلڪل سڌي پيا لڳن. منهنجي چاليءَ تي هڪ
وڏي ڪڪر چڙهي ويٺو آهي، مان چري به نٿو سگهان
۽ منهنجي نڙگهٽ مان عجيب آواز ... "

ٺهڪ

" توهان کلين ٿي. "

" نه نه پيو رئان. "

" نه، رو نه. ڪاڻ ته مونکي به اچي ٿو. پنهنجو پاڻهي "

" جيتوڻيڪ توکي رئڻ گهرجي. "

" ها، رئڻ ته گهرجي. پر مونکي کل ٿي اچي. اهائي
ته نرڄبي آهي. ڏکدائڪ نرڄبي. "

ملولائي مڌهن ٿي.

" تنهنجي آواز ئي مون توکي جاڳايو هو. "

جاني! مونکي ياد ناهي. "

" خواب ڪڏهن خيال اچڻ ڪري ايندا آهن يا پيٽ
جي خرابيءَ ڪري. "

" هفتو اڳ مون " پليگ " پڙهيو هو. ٿي سگهي ٿو ته "

" نه. مان سمجهان ٿي ته ڪلهوڪي واقعي جو اثر
ڪري — تون اڄ موڪل وٺ ۽ ڊاڪٽر سان مل. "

" ڊاڪٽر سان! "

" هاها ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ موڪل جي درخواست
ڏي موڪل ته جيئن چڱيءَ طرح آرام ڪري سگهين. "

" مان سوچيان ٿو ته — ڪلهوڪي واقعي اسان
ڪاليج ۾ وڃي ... "

"ڇگو ٻيلا ڪٽي اَڄ"
مرڪندي، ڳٽتي لڪائيندي.
چانهه جا سرڪ ڀريندي:
"ڪئا انساني وسٽين ۾ ٻليگهه آٽي تباهي ڦهلائيندا
آهن. جي وسندڙ تهذيبن کي ناس ڪندا آهن يا
ڇڪلن ۾ تبديل"
"ڇگو، نيون ڪري ڊاڪٽر وٽ وڃ."
(مڌهڌا رب ٻاجهه ڪجانء)

ڊاڪٽر ساڙ:
ڊاڪٽر گهري سوچ ۾ ورتل.
ٿ ٻوء ڳچل ڊٻر ڏاڍوء، چپن تي ٻشي ورا نہ مرڪ
آٽيندي:
"ڇا اوهان اسپتالين انتظار ڪندو، جو مان ويٺل
مريضن کي ڏسي وٺان ۽ پوء اوهان سان خلاصو."
"ٻالڪل ڊاڪٽر صاحب. مان انتظار ڪيان ٿو"
"سائين، اوهان کي ڪافي تڪليف ٿي."
"نہ ڊاڪٽر صاحب، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانہ آهي."
ڪلندي، خوش طبعيء وڇان:
"اوهان جيڪو ڪيس ٻڌايو، جيڪڏهن مان ا-
(هڪ ڊاڪٽر) انهيءَ جو مريض هجان ہ-
"سائين، دراصل اسين سڀ، هڪ ڊپ مڌجهان
ڪڍري رهيا آهيون. ڊپ: جاڳل ہ آهي ہ، اَجاڳل ہ."

وڇوڙي، دردناڪ وڇوڙي جي خوف کان يا ڪجهه اوچتو ٿيڻ جي خوف کان، جنهن جي پڄاڻي انتهائي پوائنٽي"

"ڇڏ ان ذڪر کي چانهه پيار ۽ پياري."

"تون مون کان ڪجهه لڪائي رهيو آهين."

"نه نه. پياري نه. قسم سان. مونکي پاڻ خبر ناهي / سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ... پر اوس ٿيندو. هن ملڪ ۾ ڪجهه به ناممڪن نه آهي. ذهني تياري لازمي آهي. خاص طور اسان لاءِ، جنجو انس ۽ لڳاپو هن ڌرتيءَ سان آهي. جيڪا اسانجي ڌرتي آهي: پنهنجي. جنهن ۾ اسين ڄاوا آهيون."

(۽ اسانجي ناهي.)

سوچ ۾ ورتل: ملولائي.

"تون اڄ ضرور ڊاڪٽر سان ملُ. مان به توسان گڏجي هلنديس."

"جيڪو حڪم. پر تون ڪٺٽي نه ڪر. مان اڪيلو ئي ڊاڪٽر سان ملي ايندس."

"ڀلا چانهڙي."

"اڇو، ڪٽي ٿي اچان."

"هيڏي ويهه. مان ٿو ڪٽي اچان."

"نه نه، تون ليٽيو پيو هج."

"هيڏي پڻ. ويهه هيڏي. منهنجي دل ٿي چوي نه: مان توکي چانهه پياريان."

”سائين، سواءِ ڪنهن سبب جي نه، ڪو ضرور سبب هوندو. ٿي سگهي ٿو اوهان کي هو صاحب ڪاڻ، انهيءَ کان اڳ-ڄاڻ هجو. يا اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو ڪاڻ ئي سبب جو ڄاڻن. منهنجو مطلب آهي جيڪي وٺي ويا اٿس.“

چپ.

چپ کي ٽوڙيندي:

”خوف ۽ انديشا، جنهن ۾ اسين سڀ ورلڊ-سڪليون ڏار ڏار. ڪو روح ساڳيو:

”سوڙهاڻ / انسيڪيورٽي،“

”علاج: ٽرنڪولائيزرس.“

هلڪو ٽهڪ.

اوچتو ڪاڻ سنڀاليندي:

”معاف ڪجو. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مونکي ائين چوڻ نه گهرجي. ڪو اسين پنهنجو ڪاڻ ۾ آهيون. اوهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو نه، انڪري مان ائين ٿي ڳالهه پئي ڪئي“

”ها، اوهان جنهن اسسٽنٽ پروفيسر جي ڳالهه پئي ڪئي، جنهنکي اوچتو رات جو وٺي ويا، سو سياست ۾ حصو وٺندو هو؟“

”سنڌ جي وچولي طبقي جو هر فرد، جيڪو پنهنجي سنڌي-هجڻ جو احساس رکي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ اهڙو وٺي ٿو. خاص ڪري

جنهنڪي مان بيان ڪري نٿو سگهان. ٽيون ڏينهن مون وٽ هڪ ڪامريڊ، سياسي ڪارڪن آيو، پنهنجي زال کي وٺي. هن ٻڌايو ته ڪيترن ڏينهن کان وٺي، هن سان عجيب قسم جي لعدي ٿئي ٿي. جڏهن به ٻاهرين در جو ڪڙو کڙڪي ٿو، هوءَ ته هوش ٿي وڃي ٿي. ٻاهرين هوءَ در جي کڙڪي تي هراسجي ويندي هئي. پر هاڻ حالت اها اٿس جو ته هوش ٿيو وڃي! اتري قدر جو رات جو ڪنهن وقت، ٻاڻمرادو خيالي آواز تي، ٻاڻهي جو ٻاڻهي هراسجي ته هوش ٿيو وڃي!"

"ڊاڪٽر، جيڪڏهن هر بيماريءَ، پوءِ انکي ذهني يا جسماني انبنارملٽي ٿي ڪٺي چئوس، جو سبب ضرور آهي نه هيڙي قسم جا ڪيس-؟"

"هون!"

ڪنڌ جي اوڏ سان.

پوءِ پڇڪ: "ڇا تو چئي سگهجي. ڪوليبل: انڊگ-زانٽي - رفيٽر: ڪنزيومنگ انڊگزانٽي."

"مون او هانکي پنهنجو واقعيو ٻڌايو. اسانجي ڪاليج ۾ انٽرنيشنل رليشنس جو هڪ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. نو جوان. ڪجهه ڏينهن اڳ اوچتو نئي او چتو، ڪيس ۾ سؤاء ڪنهن سبب جي رات جو هڪ بجي پوليس، هٿ سٽل منجهان وٺي وئي. اڄان تائين هنجو پتو ڪو نه آهي!"

”جڏهن ڪنهن هنڌ جو فڪري بڻ بنياد، تلاءُ جي بيٺل ٻانس واري پاڻيءَ وانگر، اصول ئي هجي، يا نظرئي ئي هجي، ائين ظاهر آهي ته، ڪوجهڙا جا ٻٽر ڪيئن نه سهي سگهجن!“

”اوهان هن حقيقت کي نظر انداز نٿا ڪري سگهو ته: ٻولي، ڪنهن به قوم جي تهذيبي اوسر جو نهايت اهم وسيلو آهي. اوهان ٻوليءَ جا استاد آهيو. سنڌي ٻوليءَ جاءِ ٻولي، پنهنجو اظهار نه رڳو ڳالهائڻ وسيلي ئي ڪري ٿي، پر ان ڳالهائيل لفظن جو ڳيپ سوچ ٿي نٿي ٿو. اوهان پنهنجي سوچ جو اظهار ڪيو ٿا. ڪوجهڙائي لکڻين ذريعي. جيڪي ايندڙ امڪان جون وانئون صاف ڪن ٿيون. مون اوهان جا ڳيچ مضمون پڙهيا آهن. ٻانس واري بيٺل تلاءُ ۾، جنهن ۾ اسين ٻڏل آهيون ۽ غوطا کائي رهيا آهيون ۽ ٻوساٽجي رهيا آهيون، ڪوجهڙا جا ٻٽر، پيدا ٿيو ته تلاءُ جي ڪنڌين کي وٽندا؟“

پاسو بدلائيندي، ڪبير ٿي:

”منهنجا دوست، علاج ته ٿيڻ گهرجي. بلڪل. مان اوهانکي هڪ دلچسپ حقيقت ٿو ٻڌايان: منهنجو هڪ دوست آهي. ناليوارو سنڌي شاعر. اوهان به انکي ضرور سڃاڻندا هوندا. سندس اهو وهم سايان ٻڻجي ويو آهي ته: ڪيس ماريو ويندو. جيتوڻيڪ هو اختيار جو هڪ اهم حصو آهي. ۽ اختيار جي مقصدن

ٻڙهيل لکيل. هي صاحب ايڊيٽي ون ٻونٽ ٽريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. ۽ نوڪريءَ کان پوءِ ڪچهريءَ جي حد ٽائين سياست، جيئن اسين سڀ ڪندا آهيون ۽ سڌي ٻاهر ڳالهائيندا آهيون. مستقبل جي ڳالهيءَ جو ذڪر ڪٿي ۽ پنهنجي قومي وجود جي ٻقا جي اهڙي سان ...

(وچ ۾ ڪٽيندي ۽ مرڪندي)

” تاريخ جو قرض نهايت سولي ۽ سوڪي نموني لاهيندا آهيون. “

” ادا، هڪ محڪوم قوم جي؛ انهن فردن جو اڀياس، انتهائي دلچسپ ۽ عبرتناڪ آهي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مٿان چڙهيل اختيار جي سچرائش جو شڪار ٿيل آهن. يا لپيٽ ۾ آيل آهن ۽ پنهنجي ذاتيءَ کي ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجن اکين سان هڪ ٻئي آڏو پيلجندو ڏسن ٿا. ۽ لٽاڙجندو. “

” پر ڊاڪٽر صاحب، معاف ڪجو. جيتري قدر منهنجو لاڳاپو آهي، مان نه ڪڏهن به عملي سياست ۾ نه رهيو آهيان. رڳو علمي ڪرجا جي حد ٽائين. سو به

” سائين، هتي مونکي گوئرنگ جي هڪ چوٽي ٿي ياد اچي:

‘When any one talks to me of intelligence, and I take out my revolver.’

"سائين مون اوهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. معاف ڪجو. اوهان ته علاج لاءِ آيا هئا."

هلڪو ٽهڪ

"نه ڊاڪٽر صاحب، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. وقت ته مون اوهانجو ورتو آهي."

منجهيل ذهن، ملول مدهن.

"ڏسو هن وقت ٻائين ڪو مريض به ڪونه آيو آهي."

هلڪو ٽهڪ

"مان اوهان لاءِ هيءَ نسخو لکان ٿو. ۽ ڪجهه ورزشون به اوهانکي ٻڌايان ٿو. هلڪيون ڦلڪيون آهن. مان اوهانکي گذارش ڪندس ته اوهان مڪمل آرام ڪريو.

"۽ ها: ڏسو: ڪافڪا جي "ڪيسل" جي پادريءَ جا چيل آخري لفظ

'It is not necessary to accept every thing as true, one must only accept it as necessary.'

اوهانجي تڪليف ۾ ڪافي ڪارائتا ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته اوهان جڏهن ڏسو پيا ته ٿي رهيو آهي ۽ ٻڌو پيا، ته انهن حقيقتن کي جهٽي، سچاويڪ طور لاشعور ۾ وهاري ڇڏيو آهي: مون سان به ائين ٿيندو. مون سان به ائين ٿيندو- اندر وڃڻ گهرو، ڇتو احساس.

جي ٻوٽواريءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو رهي ٿو. ظاهر آهي ته جميل اختيار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هن پنهنجن ورونڊي/ انڪاري ويچارن جو ٻليدان ڏني، پنهنجي مٿي تي لعنتاڻو ڪنيو ۽ پوءِ به دائمي ڊپ ذهن تي سوار: عتاب هيٺ اچڻ جو. ماريو وڃڻ-سبب؟ جو هن نجي ڪڙم مان ناهي."

" ها سائين، فرض ڪيو ته: اوهان وارو واقعو، ته اوهانجي ڪو ڪي آهي، وهم هو. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته: نيٺ اوهانجي دماغ ۾ اهو وهم ڇو آيو؟"

" ڊاڪٽر صاحب، اهو ته مون به پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هو."

ڊاڪٽر چپ، ويچار ۾ ورتل.

" هڪ اي ڏوهيءَ ٿي، ڏوهاري هجڻ جو مڙهيل احساس، ڇاڪاڻ ته اهو اي ڏوهي، حاڪمن جي ڪڙم مان ناهي، يا ائين چئجي ته - اسين ان احساس جي وهڪ مان لنگهي رهيا آهيون."

" ۽ ها، چئي سگهجي ٿو: سنڌيپڻي/ سنڌي هجڻ جو احساس. جيڪو هتي اڻ-وڻندڙ آهي. ۽ اڻ-ٺهڪندڙ. هڪ ڏوهه! اسين اڻ-وڻندڙ آهيون. اهو سمجهون ٿا. ۽ اهڙي سرت رکون ٿا. اها سرت ئي اسانکي ڏوهي هجڻ جي احساس کان آگاهه ڪري ٿي."

پاتال ۾

انجو مطلب ٿيو: جسٽيفاءِ ٽيرو. پاڻ ٿڪائڻ جو
خيال انهيءَ مفهوم سان. ڊاڪٽر چيو آهي مڪمل
آرام ڪر. ڇا ته پيئندين؟ ڇا ته پيئندين. هن سڏيو؟
ڳهر ۾ اکين جا ڪوپا ۽ گولين جو اثر. ايچ آف
ٽرنڪولائيزرس. ماس ٽرنڪولائيزر ۽ ٽروماس ميڊيا.
اسين سڀ ماس ميڊيا جا ٽگيل آهيون: ٽرنڪولائيزرن
کان وچيا آهن. هن سڏ نه ڪونه ڪيو. مونکي آرام
ڪرڻ گهرجي. پر هيءَ کهڙيون گوريون آهن!
ڳهر ڏيڻ ٿيون ۽ ذهن مرٽيڻگهه سڄاڳي. ٻي گولي ورتان.
اسين اڻ ٿڪندڙ آهيون. جو انڌي پرتواريءَ جو ڳڻ
ٽٽا رکون. انڪري اڻ وڻندڙ. ٿڪاوجندڙ ۽ ٻڌهنجي
اهڃاڻ جي ارقراريءَ لاءِ همت پيراهڻون ٿا. جي
همت پيو نه ته هڻون ۽ ته اهڙي قسم جو خطرو هڻن ڪي.
نه مٿان اٿي پون: ٿڪاوٽ. مونکي آرام ڪرڻ گهرجي.
انڌي پونواري/ وفاداري پاليل ڪتي جو ڳڻ آهي.
اهو ڪيڏو نه مضحڪي خيز آهي: مان پاڻکي انسان
سمجهان ٿو. پر ڪو وهيڻو رعيتي، اڻشيل شهري
هئڻ جي اوت ۾ پاڻ ايو ڪرڻ چاهي ٿو. اڻ پڇي
پونواري. سگريٽ. آهن يا نه. مهرباني ڪري سگريٽ
پيئڻ ڇڏي ڏي. واه مان ڪڏي ڏپ نه سي اچئي.
سگريٽ مون لاءِ اهم آهن. لوڪي ڏپ چوڻي اچي.

ساڀيان لڳندڙ. انکي ڇهين حس جو ٻڙاڏو چئوس،
يا حالتن جو منطقي نتيجو. بهرحال:

"اوهان ٻاڙ کان هـيءَ سوال پڇو ٿا: ڇا اهو ضروري آهي: ٻئي سان ٽيو، انکري اوس مون سان به ٿيندو."

"پر ڊاڪٽر صاحب، انهيءَ ٻـاڙ نگيندڙ فارمولا کي ذهن هيٺن به ته وٺي سگهي ٿو: جيکڏهن ٻئي سان ٽيو، يا ٽئي ٻيو، جيکي مون جهڙا آهن، مون مان آهن، مون سان به اوس ٿيندو. مان سمجهان ٿو، ڊاڪٽر، اهو قياس حقيقت جي بنه ويجهو آهي. جڏهن ته ٻاڙ-پرپاٽـڻ لاءِ جيکو (کوڙو) نفسيالـي هٿيار اوهان ڏسيو پيا، سو وڏيڪ ـ"

اداس مرڪ سان:

"دوست، جڏهن ٽرنڪولائيزرس به پنهنجو اثـر ڇڏي ڏين، ته پوءِ ٻاڙ-نگرڻ ٽـي کامياب، اثرائتو ٽرنڪولائيزر آهي. ۽ اها اسانجي هڪ ضرورت آهي. مجبوري. انکي سماجي سطح تـي ٻاڙ-ٽهڪائڻ به چئي سگهو ٿا."

ٽهڪ.

"ادا مان وري به عرض ڪندس ته، کيمل جي ٻادريءَ جا آخري لفظ

ٻاڻ نه ٻلي ڪتا ڏاري. ۽ ملاوٽ: اهو ته مسلمانن جي واپاري هنرمنديءَ جو شاهڪار ڪمال آهي. ٻاڻي ٿي ڇپيو، هندن جي وقت ۾ انهن ڪونه هو. ملاوٽ جو ته لفظ ئي ڪونه ٻڌو سين. هر ڪنهن جا ٻنهنجا ٻنهنجا واپاري اصول آهن. مونکي آرام ڪرڻ گهرجي. مٿي ۾ سور، ڇانهه. ڪيس سڏي چوان. ٻا ٻاڻ ٿي. چوندي: هيءَ ٽون ننڊ ٿو ڪرين. ٻر ننڊ نٿي اچي. رڳو اکيون ڳوريون ٿيون ٿين ۽ دماغ ٻڙ رو. مان چالو ڪري سگهان. ٻر سندس چوڻ جو لهڪمانه انداز. نيت مان سندس غلام ناهيان. ٻا اهو سندس ماڻي جو انداز آهي. ٻر مونکي اهه نٿو وڻي. سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏي. مان ڪو اهنجو نوڪر آهيان. ٻا ٻاره جو مونکي لهڪمانه انداز ۾ جهلين ٿي. نه سگريٽ ڇو ڇڏيان. چاڪاڻ ته ڪيس نٿو وڻي. ٻر مان سندس ٻسند لاءِ اهتري حد تائين نه ٻاٻند ناهيان. سندس سک جو خيال رکندي رکندي، مان ٻاڻکي اخلاقي طور سندس ڇڏيوان ته ٻنائي نٿو سگهان. ڪڙڪو ٿيو؟ ڪن وڄيا. ڪٿو هوندو. ڪتا وڏي ورا آهن. لڳي ٿو گهر ۾ ڇوڙاري ڪتا ئي ڪتا ٻيا ڏڪن. اي ڏٻا. ڪتا ٻليگه آڻيندا آهن. فوجين جي قطار: لپ رائٽ - لپ رائٽ- لپ رائٽ. ڪتن جي قطار. سٺو ٿيندو ڇانهه جو هڪ ڪوپ پيئان. ٻر جيڪڏهن اندس ته، هوءَ ضرور چوندي: سمهي ٻءُ، سمهي هيئان سار و.

ڇوي ڏيڻ ڇڏي ڏي. تنهنجي ڇوڪري لاءِ مان سگريٽ
ڇڏي نٿو سگهان. ڪمزوري ناهي، ضرورت آهي.
ضرورت کي ڪمزوري ڇئي سگهجي ٿي. ڇوي،
منهنجي اها ضرورت پوري نٿي ڪري، جيڪا مان
پوري ڪرڻ چاهيان ٿو. جڏهن تون ڇوي ٿي ڏيڻ،
ته ان وقت منهنجو ذهني ٽينشن ختم ٿئي ٿو؟ بلڪل
نه. ان وقت تنهنجي ڇوي منهنجي مدد نٿي ڪري.
جڏهن ته سگريٽ ڪري ٿو. جيڪڏهن هاڻي جي
ڳالهه آهي ته، هاڻو دوائن واپرائڻ، وڌندي ڪاڏي ڪاڻڻ
مان ته نٿي ٿو. پوءِ ته اهو اسين ضرورت هيٺ
ڪاڻون ٿا. سگريٽ ته نيٺ ضرورت هيٺ ٿي پيئجي
ٿو. ڏس! تون ڪاوڙج نه. هيءَ سڌي سڌوائي عورت
ڇا سمجهندي. هيءَ رڳو سمجهي ٿي شين جا اگهه.
هنن شين کي کهڙي ڀاهه لڳي آهي! ايڏي مهانگائي
ڇوٽ. انءَ اسانجي ملڪ ۾ ٿئي، پوءِ ته مهانگو.
تون نٿي سمجهي سگهين. گوشت ٽيهن کي ٽڪ
هٽندو. وقت پوري ڪونهي. پنجاهه رپئي ملندو.
يا جيون! پر پنجين رپئي سير! انهن کي ڪو ٽڪ
ته ڪرڻ هٽندو هو. (ٽهڪ) تون ڇري آهين: نٿي
سمجهين. پرن ڪان ونئي عورتن ٽانئين مال عربن ڏانهن
سپلاءِ ٿئي ٿو. عربن ڏانهن! ها، عرب سڳورن ڏانهن.
پاڪستاني ٿي سپلاءِ ڪندا آهن، پر ڪم ڪندو.
چونڊ عورتون. پوءِ پر مهانگا ڪيئن نه ٿيندا.

ڪجهه به نه ٻڌا انهيءَ ۾ لڪي ٽيڻ جي ڪهڙي ڳالهه
آهي. هروڀرو مونکي انهن نه سوچڻ گهرجي. چڙ کي
سپرڀس- سڀئي هيننان ساڙو وڌندو پيو وڃي. ٻاهه.
ٻـي گولي چوسيان. ان ڏينهن ڇيـا انهن ٽڏهڻجي واٽ
مان ڪڏي ٻانس ٿـي اچي، جڻ ڪٿا مٿا پيا آهـن.
ڪٿا: نه رڳو ٻانس، پر ٻليگهه ڪيرڙيندا آهن. مان ڪٿن
کي ڪٿي ٿو ماري سگهان! مون ۾ همت ئي ڪانهي.
بڪواس. بلڪل بڪواس. اهي ائبنارملٽيءَ جا اهڃاڻ
آهن. اهو نه تمام خراب آهي. تشويشناڪ نه نه: اصل
ڳالهه آهي نه اسين ائبنارمل معاشري جا شڪار ٿيل
آهيون. اسين سڀ. پـا ائبنارمل حالتن جي پيداوار.
مٿو ڦاٽي پوندو. اٺڻ- ڊاڪٽر چيو آهـي نه مڪمل
آرام ڪر. ها، مڪمل آرام. (يعني ٽرنڪولائيزر ٿيءُ)
۽ مان ٽرنڪولائيزر کڻو ٿـي سگهان. ان جو مطلب نه
مان ائبنارمل ٿيندو پيو وڃـان! انهيءَ جو علاج به نه
ٽرنڪولائيزرس ئي آهن! نه ڇا ائبنارمل سماج لاءِ به
ٽرنڪولائيزرس - نظرياتـي نشو. جيئن ڏنـو وڃي ٿو.
وري ٽڙندو پيو وڃان- بهتر آهـي نه اٿـان ۽ سائنس
ڳالهين ۾ مشغول ٿيان. پـاٽڪي، يا ڪتاب پڙهان. پر
هوءَ آهي ڪٿي. ٻاهر. هـن ويساهه هيٺ، هوءَ ٻاهر
ٿي آهي، هتي نٿي اچـي، نه مـان آرام ڪري رهيو
آهيان. پر جڏهن ڪيس خبر پوندي نه، پر مونکي اهڙي
ريت ڪيس پريشان نه ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ

السر. ساڙو وڌندو پيو وڃي. السر گهٽجڻ کان پوءِ ايندو
آهي. اعصابي ٻي چيڙهڻ کان. ۽ ڇڪتاڻ ڏيان. ڇو
کان. انهوشدل سپرپشن کان. ڇو؟ اهو ٻڌائڻ خود سبب
آهي. سبب کي، سبب ناهي ڏيڻو. ڪٿي جو ڳڻ
آهي وفاداري. سپرپشن، هر حال ثابت ڪري ٿي ته
انڪار / اختلاف موجود آهي. پر اي وسي. پاليل ڪٿي
جو ڳڻ آهي اڻ ٽٽڻ وفاداري.

سگريٽ سان ساڙو وڌي ويندو. سڪوت کان.
جيئن ڊاڪٽر چيو هو. ۽ سوءِ چانهه. پر ڊاڪٽر ته
چانهه کان به جهليو هو. اجهو. شايد اچي پئي. هلي
وئي رڳو هن ڪمري ڏانهن آئي. نيٺ مان ڪائنس
ڊڄان ڇو ٿو؟ جو مکر ڪري سمهڻ جي ضرورت
محسوس ڪيم. ڇيائين لکڻ ڇڏي ڏي. سنڌي ادب
وري- (ته ڇا سنڌي قوم جو مستقبل سنڌي ادب
سان ڳنڍيل ناهي!) سوال پڇڻ جي جاءِ ٿي آهي:
نيٺ لکڻي ڇو ٿو. (لکڻيون، سڪڻ لفظن ڄجو ورجاءُ)
اجائي پٽاڙ. خيالي عياشي. يا ڪيريئر حاصل ڪرڻ
اي فائدي جاکوڙ. ڏسون جاڳين پيو. ضرور ڪنهن
مضمون لاءِ سوچيندو هوندين. هاڻ ته ڏسون اجايو
سوچڻ ڇڏي ڏي. ڊاڪٽر سختيءَ سان جهليو اٿئي.
انهن مضمونن مان تو کهڙو پيٽ ڀريو آهي. ۽ ٻوڪي
کهڙا زيور پاراپا اٿم. انهن مضمونن منجهان. انين ته.
نيٺ ٽون مون ٽي حڪم ڇو ٿي هلائين. مون ت.

۾ ڪا به ڳالهه ناممڪن نه آهي. جڏهن نه ملڪ ٺهڻ
کان وٺي هن مهل تائين هنگامي انجڪشن جي آڌار
تي هليو هجي. اتي ڪجهه به ناممڪن ناهي ۽ هاڻ
اهي انجڪشنون خوراڪ جي ضرورت وانگر وجود
جي بقا جو اهم عنصر بڻيل هجن. لازمي. بنهه لازمي.
۽ خطرو تي خطرو نه.

”يقين ڪي به ڪن ٿيندا آهن.“

هيءُ پروفيسر جو آواز هو.

۽ پوءِ کنگهيائين. هٿرادو کنگهه. ڪنهن اشاري لاءِ.

”عرض آهي: ٽيچرس روم ۾ سياسي ڳالهيون نه
ڪجن ته بهتر آهي.“

هيءُ اهو ئي ٽوڙو ڇورو آهي. پوليٽيڪل
سائنس وارو.

سڀ اٿي ويا. سواءِ پروفيسر - جي.
سدائو.

هوُ منهنجي ويجهو آيو.

”مان سمجهان ٿو، ڊاڪٽر جيڪا توسان فونيا
جي ڳالهه ڪئي آهي. سو هڪ عام ڪيس آهي.
خاص ڪري، اسان جهڙا، جيڪي پنهنجي وجود جي
سڃاڻپ جو نالو رکو پنهنجي ڌرتيءَ سان ڳنڍيون ٿا.
۽ اهو ا... سچ آهي ته هڪ ٻوليءَ جي استاد ۽
اسڪالر جي حيثيت سان تنهنجو اظهار، ڏس باهر
ڪو ٻيڻو نه ڪونه آهي؟“

انيو

هو ڪلن پيا. جائي، ڳالهه ۽ ڪلڻ جهڙي آهي. اوپٽو سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي اهو سمجهڻ ته ڪو ڪيڏ آهي! واچ ڪري رهيو آهي. ۽ مان چائو ڪري سگهان. جڏهن ته اها حقيقت آهي. ۽ هو منهنجي سامهون ڪلي نه سگهيا. همت نه ٿين. همدردي ڪيانون. ۽ ا سندن ڏليل ڪل، خود سندن ساڳئي، مون جهڙي احساس ڪي دٻائڻ لاءِ هجي. هو، مون وانگر انجو ڪلم ڪلا اظهار ڪرڻ نه چاهيندا هجن! انهن ۽ ته ٿي سگهي ٿو. ۽ جڏهن هو، پوليٽيڪل سائنس جو ليڪچرار (جيڪو تازو، پارٽيءَ جي ڪنهن ها اثر وڏيري جي سفارش تي اپائنٽ ٿيو آهي.) ڪل جهلي نه سگهيو. ته ٻاهر نڪري ويو. نڪرڻو نڪرڻو. سندس ڪل جو آواز چٽيءَ رهت ٻڌڻ ۾ ٿئي آيو. مان سڀ سمجهان ٿو: پين ۽ ڪيترن ڪل جهلي. زوريءَ انهن ته هوءَ ۽ ڪلي هٿي. ڏايو. جڏهن ٻهراڻ ٻڌائين، ۽ بوءِ رنڻ ۾ اپي چنڪي هٿي.

(دي فني ٽريجڊي)

سڀ پنج گهڻو ڪري ليڪ سوداني چوتيندا آهن؟

(هي ڪنهنجو آواز هو؟)

واقعي اهو ممڪن آهي ته اوهانجي ڪو ڪيڏ لڳو هجي. منهنجو مطلب آهي واچ ٿيندي هجي. هن ملڪ

وڃو ٿي پوي ٿو، ته: اهو ضروري ناهي: ٻڌڻ جي آزاد ٿي جو تصور / نظريو هرويرو سچائيءَ کري مڙهيو وڃي.‘“

”مان توکي پڌهه سمجهي نه سگهيس.“

”مون چيومانس.“

هن ورائيو: ”تون جڏهن ذهن ۾ هيٺي آيو آهين، انکي ذهن ۾ رکي سوچ: ته ذهن ته ڪيو آهي؟ تون انکي بس اون ته نٿو ڪري سگهين.“ ۽—

مون مرڪي ورائيو: ”مان اڃا تائين تنهنجو مطلب جهٽي نه سگهيو آهيان.“

هن منهنجي ڪلهي تي ٿڦڪي ڏني. اُچيائين: ”دوست، هندستان ۾ رهندڙ هڪ سنڌيءَ جو، سنڌ سان انس جي حد تائين لڳاءُ، بهرحال آئيندي طور هندستان سان سندس وفادارين کي مشڪوڪ بنائي ٿو. ۽ هيٺي تنهنجي لاءِ ۽ اسان لاءِ: ون يونٽ جي مخالفت معنيٰ ته اسين اسٽيبلشمينٽ جي طرفان مڙهيل مذهب وطنيءَ واري تصور ۽ انهيءَ جي گهرجن کي رد ڪيون ٿا. ۽ اها غداري آهي. جڏهن ڪي اسين اون ڪندي، مڃيندي، ون يونٽ جي مخالفت ڪيون ٿا. يا غلط آهي؟“

”ڀر اوچتو، جهٽڪ منهنجي ذهن ۾ هلڪي ڪڙڪ اچي وئي. چيومانس: ”جهل ادا.“

”نه“

”تڏهن ٻه ڏينهن کي کن ٿيندا آهن. مان انهيءَ ڊاڪٽر کي سڃاڻان. ذهين آهي. هو جڏهن اڃان ڄام شوري جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن ايئن ئي ون يونٽ تحريڪ ۾ ڏاڍو جوشيلو حصو وٺندو هو.“

”مونکي لڳندو آهي: هتي ٽيچرس روم ۽ ان کان ٻاهر بلڊنگ ۽ اسٽوڊنٽس يونين آفيس جي پٺين ۾ ڪا اک لڳل آهي. جيڪا هر چرپر جهٽيندي رهي ٿي.“

”اها ڳالهه مون سان هن سائينءَ به ڪئي هئي، نالو ڇا اٿس ...“

”مون ڇيو نه، اهو هڪ عام ڪيس آهي. بهتر ٿيندو تون انهيءَ جو نالو نه اچار. سمجهي سگهين ٿو. منهنجو مطلب آهي، هوءَ اک.“

”خير، سو مون تو سان ڳالهه پئي ڪئي، ايئن ئي ون يونٽ تحريڪ ۾ جڏهن مان اڃا جونيئر ليڪچرار هوس. گرفتار ڪيو ويس. اتي، جيل ۾ هڪ نهايت ذهين سياسي ڪارڪن هو. هو بلوچ هو. ۽ ساڳئي ئي ڪيس ۾ بعدي ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ ۾- ساڻس ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون. هڪ پيري بحث ڪندي هن چيو ته: 'جيڪڏهن سچائي ڪا ابسرڊ شيءِ ڪانه آهي. ۽ انجي سڃاڻپ لاءِ بهرحال، ڪن تصورن/ نظرين يا ڪنهن ٿرمڊالاجيءَ جو سهارو

ٻڌي رهيو هو. تنهن، مرڪندي، پروچ ڏانهن منهن ڪندي چيو:

" پر، سائين پروچ، هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هندستان جي مسلمانن جون بنيادي وفاداريون، ڌرتيءَ کان وڌيڪ، ٻاهرين حملي ڪندڙ فاتح حاڪمن سان وڌيڪ رهيون آهن. منهنجو مطلب آهي، افغانن، ترڪن، مغلن، ايرانين يا عربن سان. نه رڳو اهو پر هو، انهيءَ تي ناز ٻڌائين به ٿا!"

پروچ، انهيءَ ڊاڪٽر جي منهن ۾ تڪڻ لڳو:

" ادا، مان ڄاڻو ٿي سگهان. اسين انهيءَ جا ته وڪٽمائيزڊ آهيون."

پوءِ مون چيو: "هيءُ هندستان جا اڙدوي مسلمان اهڙا ته" -

" سائين آهستي ڳالهايو، جيل جي ڀتين کي ڪن ٿيندا آهن."

" مونکي شڪ ٿو پوي ته هيءُ، اهو ساڳيو ئي ڊاڪٽر آهي. جنهن وٽ تون وئين هئين."

هي آواز ڇاجو آهي؟

مونکان ڇرڪ نڪري ويو.

" ڪاليج جا رضاڪار پريڊ ڪري رهيا آهن."

" پريڊ سر!"

" ها! منهنجو ڇرڪ مغلي پيو آهي. (هلڪو ٽهڪ) ڏس، ٻاهر ڪو بيٺو ته ناهي."

تڏهن تون اهو چئين ٿو ته: ”غداريءَ جي حق کي
به مڃيو وڃي!“

ٺهڪ ڏنائين.

” انهن چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته منهنجي آڏو غداري ڪا عيب واري شيءِ ڪانه آهي. هيءَ همت وارو انڪاري انهروچ آهي. هڪ صحتمند، لڪو ۽ روشن انهروچ. پنهنجي وسيع اختلاف جو چٽليءَ سان اظهار. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن ڇڪتاڻ ۾ فيصلو ڪندڙ هميشه سگهه ئي ٿئي ٿي.“

هو چپ ٿي ويو. ۽ ڪجهه گهڙين کانپوءِ معنيٰ خيز نظرن سان مرڪندي، لفظن تي زور ڏيندي چيائين ته: ”پر پيارا! سنڌ ۾ جمندي، رهندي، سنڌ سان انس ۽ ان سان وفاداري، تنهنجي ڪردار کي مشڪوڪ بڻائي ٿي. اها غداري آهي. هتي جي قانون مطابق. ها، ڇا سمجهئين. مون اهو پئي چوڻ چاهيو. پنهنجي ڌرتيءَ سان انس، اسانجي جبلي گهرج جو هڪ ڀاڱو آهي. انکي بناوٽي طريقي سان تبديل ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مٿان ڪان هيءَ مٿاڪٽ، (جنهنجا اسين مارئيل آهيون) انسان جي خلاف ڪڏهن نه بخشڻ جهڙو ڏوهه آهي.“

” مونکي هڪ ڀرپور ذهني ڌڪ لڳو. ۽ ان ڌڪ سان جهٽڪا کلي ويا هجن. اتي هڪ شاگرد قيدي جيڪو اسانجون ڳالهيون نهايت اي ٿاڻيءَ سان

”چا ٿيو جو:“

”همراهه تجربو پئي ڪيو: پهريان ڪتي جي آڏو کاڌو ڦٽو ڪندو هو. ڪتو کائيندو هو. پوءِ جڏهن کاڌي واري مهل ٿي، پاولوف صاحب، ڪتي آڏو کاڌو آڻيندو هو ته ڪتي جي وات ۾ پاڻي (گگ) اچي ويندو هو. سائين، اهڙي هلي، کاڌي ڏيڻ سان گڏوگڏ هو گهنٽي به وڄائڻ لڳو، ته به ڪتي جي وات ۾ گگ ايندي هئي. ظاهر آهي ته سندس ان گگ جو سبب کاڌو ئي هو، نڪو گهنٽي. ائين ڪندي ڪندي، هڪ ڀيري هن جڏهن کاڌي جي بدران، ان مقرر ٽائيم مهل ئي گهنٽي وڄائي ته ڪتي جي وات مان ساڳي گگ وهڻ لڳي. هن ٻه-ٽي ڀيرا ائين ورجايو. پوءِ پاولوف هن تجربي جو نتيجو ڪڍيو: ڪنڊيشنڊ رفليڪس جي روپ ۾. يعني:

“A conditioned reflex is the habitual reaction of an organism to a particular stimulus. This habit is acquired as a result of organism being placed repeatedly in the same situation.”

خاموش. سوچ ۾ ورتل.

خاموشي ٽوڙيندي:

”هن ڳالهه کي ٻاسيرو ڪندي ته، پاولوف جي هن

"نه سائين."

"درين ۽ پٽيـن جي پرسان؟"

"نه سائين."

"ڪير اچي نه ڪونه پيو؟"

"اردو ۽ وارو ليڪچرار اچي پيو سائين. شايد هتي اچي."

"جاءِ ته پٽيـن ڪي ڪن آهن. هتي: جتي اسين رهون ٿا. اهو ڊاڪٽر ذهين آهي. اڃا مون کيس چيو: ميان، اسين نه اڳيئي قيد ۾ آهيون، پوءِ ڪاڻ ڇاجي."

چيائين: "سائين، اسين هيٺئر نديڙي قيد ۾ آهيون. جبلي گهرج هيٺ وڏي قيد ۾ ان کان وڏي قيد ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ويندي آهي. جڏهن اڻ - اڳرجهڙ پٽيون نه آهن، پر اسانجن نظرن کان اوجهل."

"مونکي سندس اهو جواب ڏاڍو وڻيو. ۽ دل ئي دل ۾ مان سندس ذاهپ تي خوش ٿيڻ لڳس ۽ فخر ڪرڻ لڳس، جو هڪ سنڌي نوجوان، سوچ جي اهڙي گهرائي ۽ انجو احساس رکي ٿو."

"... اڄهو هيءَ اچي ويو. (پڙڪندي، آهستي) سو مون توسان ڳالهه پئي ڪئي، (ٻڌاوڻي انداز ۾ ڏاڍيان) پاولوف جي ٿيوري آف ڪنڊيشنڊ رفليڪس نه تو پڙهي هوندي. ۽ شايد پڙهي نه هجي."

"سائين، مٺاڇري."

کان سواءِ ٿي، ٿلهي گهنڊيءَ جي آواز تي پاولوف آڏو پيچ لوڏيندو اچي. پاولوف گهٽ ۾ گهٽ ڪتي کي ٻهريان ڇيچڙا ڏئي هيراڻو نه هو. پر هتي اهڙي ضرورت به محسوس نه ڪئي- اسان لاءِ!"

اُردوءَ جي ليڪچرار جو معنيٰ ڀريل نظرن سان تڪڻ، پوءِ مرڪ. شيروانيءَ جو مٿيون ٻٽڻ کوليندي:
"جناب، سنڌ ۾ علاقائي تعصب کي وبا ڦيلتي جا رهي هي. يه پاڪستان ڪي وجود ڪي ليي زهر قاتل هي. جو هم نے بيشمار قربانيون سي حاصل ڪيا هي. در اصل-"
ڌانهنس ڌيان ڏيڻ کان سواءِ ماٺ ڪري ويٺل. اوچتو وچ ۾ ڪٽيندي، پروفيسر:
"جناب اوهان قربانيون ڏنيون آهن!"
"خوب!"
"جيڪڏهن ڪو پنهنجي غرض خاطر جان جوکي ۾ وجهي، ۽ پنهنجي ڦٻائڻ لاءِ، ڪجهه وڃائي، پوءِ عيوض ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري، ڦٻائي، سوڀارو ٿي اڀري ۽ ڦٻايل هنڌ تي پير ڪپائي، اوچو ٿي ويهي، ۽ لتاڙڻ شروع ڪري، پوءِ چوي ته، مون هيءَ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن!"
"قرباني ته ڦورو ۽ ڌاڙيل به ڏيندا آهن، جڏهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڌاڙو هڻندا آهن يا ڦُر ڪندا آهن. انگريز به جڏهن هتي آيا ها، نديي

ٻيجراءِ ڀيوئرازم کي هڪ نئون رخ ڏنو، يا جهڙي ريت مان سمجهان ٿو ته، هن، ٻوسائيل، مونونوس نظرياتي رياستن ۾ سماجي طور انهيءَ نظريي جي نفسياتي اهميت کي مڃي، انهيءَ تي پليءَ پٽ عمل ڪيو. انسان کي ڪتو سمجهندي.“

فارمولا:

اسٽيٽ = پاولوف

رعيت : ڪتا

سرشتو : مونو ٽيمسٽ نظرياتي پٽين اندر پورل ڪتا.

گهريل مراد : انڌي پوئواري. جيڪي وهيٽا آهن، سي پنهنجو پاڻکي، پاڻ کان سگهاري ۾ ختم ڪري ناس ڪن.

” ۽ پاولوف اها سچوئيشن جوڙي ٿو.“

” هند ۾ سندين لاءِ، هو پاڻکي ختم ڪن ۽ اسان کان هٽي ...“

اکين ۾ گهوريندي:

” هنڌين ۽ چيڙن جي بخشش کان سواءِ ٿي، (جيڪو اسان پڙهيل ڳڙهيل مڊل ڪلاس جو سڀ کان وڏو مطالبو آهي). گهريل مراد — ۽ تنهنجو اهو ئي ڏوهه آهي: جو تون ڪٿي مان انسان ٿيڻ لاءِ پاڻ پٽو ڙان ٿو. ۽ تنهنجو اهو ئي ڏوهه آهي، جو تون سندنيءَ جو ليکڪ آهين. پنهنجي آئڊنٽيٽيءَ لاءِ کوجنا ڪرين ٿو. جنهن لاءِ قانون آهي ته: هنڌين ۽ چيڙن جي طلب

چپ. ڪڙو منهن. مهانڊا ڦريل. ڇٽڪ ڪوڙي گوري ڪرت. ڪرت ڪري ڪاٽل.

پيل جو آواز.

"هيءُ ڪاٿون پيرڻ آهي؟"

"ڇوٿون، سائين."

"چڱو، منهنجو ڪلاس آهي. هلان ٿو."

"پر، وڏيڪ ڳڻتي نہ ڪجانءِ. اهو سڀ ڪجهہ اوس ٿيڻو آهي."

"نہ سائين، ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانہ آهي."

ڏوريءَ مڙهيل مرڪ چپن تي.

اردوءَ جي ليڪچرار تي نظر وجهڻ کان سواءِ ٻاهر نڪرندڙ.

"جاني ! ۽ سچ ٿو چوي. پنهنجي پوري وجود جي پيڙا. پليدان، پعدي خالمو! پر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇو؟ نيت ڇو؟ ڇا ڪارڻ؟ هنڪي اُٿڻ گهرجي. هن جي موجودگي، منهنجي وجود تي ٻار لڳي رهي آهي. سوئي، خوشامدي وات ٿيڙي ٿو، ۽ دل ۾ چرپون. ڪيڏو اوپرو."

"جناب کيا سوچ رهي هين؟"

"جي؟"

"ڪجهہ بہ نہ."

ڪندي ۾ نه جان جوکي ۾ وڏي ھٻاڙن. ۽ قربانيون به
ھر نوآبادگار، ھيئن ڪيئن ڪسي وسائڻ لاءِ قربانيون نه
ڏيندو ئي آهي. ڪي نه؟ اوھان نه اڻان پڇا.“

(ٿيئين ڪي ڪن آھن، ھيءَ نه —)

” (نه، ٿڌهن به، اها اسان سنڌين جي ڪمزوري
آهي: پنهنجي هٺدڙ خاموشي اختيار ڪرڻ، هڪ قومي
خصلت: درويشائي. ٿڌهن نه هنن ڪي شهه ملي ٿو.
ڇا مانڪ ڪرڻ سان هنن جي اصليت ۾ فير و ايندو،
ھو اها ڪمزوري سمجهي وڏيڪ ھو ڙھيائي ڪندا.)“

” نه جناب، مون ڳئي ڇيو نه: اوھان گھڻو ڪجهه
حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي نئين جنم لاءِ، ھٿ پير
ھنيا، ۽ ھٿرادو پيدا ڪيل ڏھڪاءَ کان اچڻ لاءِ پڇا
۽ لوڀي اميرن جي تڪميل لاءِ- جنهنڪي اوھان قرباني
چئو ٿا، پر جو اسان کان ڏيارڀو ويو، سو اوھانجي-
ھا، سڀ ڪجهه- سنڌ جي وجود ڪي، اوھان پاڻ ڪري
ڪم آندو، پنهنجي بقا ۽ نئين جنم لاءِ. سنڌ، پنهنجي
وجود جو بنيدان ڏنو. اوھانجي حياتيءَ لاءِ.“

(ٿيئين ڪي ڪن آھن. ھي نه —)

(” نه. ڇا موقعي پرستي/بزدلي“)

” ھا جناب. پنهنجي وجود جو، جيڪو صدين
کان قائم رھيو آهي، لڳائيءَ سان ڪاچ ئي رھيو آهي
محض اوھانجي-“

” خير -“

گهر وڃان.
دل ڪڇي. ٻوائٽي.
ٻاڻ تي ڪنٽرول ڪيان. ڪرڻ گهرجي. نيٺ
ڪمگهه.
لڳي ٿو هن ڪا اهڙي دوا ڇڏي آهي، جيڪا
منهنجن حواسن کي جڪڙي رهي آهي.
ٻو سٽ
ٻو سانجهندڙ
"ڪيون جناب ڪيا سوچ رهي هين؟"
"هون، جي! ڪجهه ٻ.."
اوچتو : گوڙ. نعرا.
ڇرڪ : "ڇاهي؟"
"ٻ سالي لڙڪي ڪٽي ٻي تعليم -"
ٻڌڻ ڇڏي ڏنل.
پٽيوالو :
"سائين پوليس آئي آهي. پوئين ڇهي سيڪريٽريءَ
کي ٻڌڻ. انهيءَ تي ڇوڪرن گوڙ ڪيو آهي."
پوليس!
سيانو سڄي وجود ۾ گهمي ويل. ٻسوءِ ساڻائي.
ساڻائي وڌندڙ. حواس سن ٿيندڙ.
تکي حرڪت جسم کي :
اٿيل:

هيءَ ٽيهن سالن ۾ ٻه سڌي نه سگهيا آهن!
نه سگهندا. جو هن پراسيس ۾ اسانکي مرج ٿيڻو
آهي. پهرين آئڊنٽيفڪيشن وڃائڻي - نفرت جوڳو.

هيءَ عجيب ڳڙڪائيندڙ نظرن سان ڏسي رهيو
آهي. ڳڙڪائي ويندو. ۽ پوءِ هضم ڪري ڇڏيندو.
چار اوڳرائيءَ کان سواءِ ئي. هن جي شيروانيءَ جي
کيسي ۾ چاقو آهي. ۽ ماچيس جي ڊٻيءَ ۾ بارود.
جيڪو اُڪاءُ ڏيندو. اوچتو اُڪاءُ.

اجهو ڪي اُڪاءُ ٿيو.
پوانٽي.
چانهه گهرايان. پائندو. گهر وڃان.
ڊاڪٽر چيو هو ته مهينو ڪن آرام ڪر.
گهر رهندڙ اکيون.
اجهو ڪي اُڪاءُ ٿيو:
۽ مان ذرا ذرا ٿي ويندس.
اجهو ڪي اُڪاءُ ٿيو.

اوچتو خيال.

هيءُ اهوئي آهي: واچ ڪندڙ. پا انهن مڇهان
هڪ. پا پارٽ اهو. روپ بدلائي آيو آهي. پٽين ۾ اڪ
لڳل آهي. جيڪا هر چرپر جو جائزو وٺندي رهي ٿي.
۽ سوچ ڌارا ۽ ويچارن کي رڪارڊ ڪندي رهي ٿي.
اُٺان.

" اڄ ڪاليج ۾ پوليس آئي هئي."

" ڇا جي لاءِ!"

" يونين جي سيڪريٽريءَ کي ٻڌڻ لاءِ پر هو ڪونه هو."

" پوءِ، تنهنجو ڇو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو آهي؟"

" بس. اهڙين. نه سياڻي منهنجي لاءِ نه -"

" الا! بس ڪر هاڻ ٻيلي، بس ڪر. اهي اجايا سوداءَ."

" هاڻ هيڏين ڪر جو، هفتو ڏيڍ موڪل وٺ ته ڳوٺان ٿي اچون. تـون اتي هلي آرام ڪر. ته مٿو جاءِ ٿيئي."

" حاضر سائين، جيڪو حڪم."

" گهوري ڇا پيو ڏسين. تو ته منهنجون نه وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن."

" ٻڌايانءِ: تون ڏاڍي سهڻي پئي لڳين. ۽ ..."

" هيءَ تنهنجي چريائپ جو پيو روپ آهي!"

ماٺي سان هلڪو ٽهڪ.

ٻانهن ڪان جهليل. پاڻ ڏانهن ڇڪ. هنج ۾ آيل.

چمين جو وسڪارو، اٿل منجهان.

ڀاڪر ۾ زور

" بس بس، ديوانا. پاسريون ڀڃي ڇڏيئي."

چميون ...

زپ کولڻ جي اندوراڙي ڪوشش ۾ زپ ڦاٽل.

سڌو گهر ڏانهن.

مان پاڻ محسوس ڪيان ٿو: انهيءَ ڄاتل سچائل
تپ هيٺ دٻيل، جيڪو اڻ ڄاتل بہ آهي. انڪري
فوريا: ارپشدل ٿيءُ. نيٺ انکي رسپانس ڏيڻ جي
کهڙي ضرورت هئي. جڏهن پوليس شاگرد يونين جي
سيڪريٽريءَ کي پڪڙي آئي. ۽ مون انهيءَ کي حسياتي
سطح تي چئو قبوليو. ٿي ويو: جڏهن ڏهڪاءُ هجي.
۽ منهنجي ڇهين حس، ان ۾ اولڙو ڏنو. هڪ ڏينهن
منهنجي لاءِ بہ ائين اچي سگهي ٿي. پا اوچتو، هيءُ
اپڙيل ويچار: منهنجي لاءِ آئي آهي. چانيل ڏهڪاءُ
جو ٿيءُ ۽ انجو نتيجو: پروفيسر چواڻيءَ: اسٽيٽ
ٽيرر ازم، تاريخي طور هر رياست جي بقا، اوسر ۽
استحڪام جي لاءِ هڪ لازمي حصو ۽ انهيءَ ضرورت
پٽاندڙ ٿي.

پر هيءُ تہ منهنجي روح تي قبضو ڪندو پيو وڃي.
۽ عجيب

”جاڳين پيو؟“

”ها.“

”وري کهڙن خيالن ۾ غلطان آهين؟“

”ڪجهہ بہ نہ.“

”ڪجهہ نہ.“

”توکي هي ٿيو ڇا آهي!“
”پر هي در ڪنهن کوليو!“
”هوا سان کليو هوندو. ٽ. ٽ. هتي ڏينهن ڏٺي جو گهر ۾ ڪير ايندو.“
”چريا.“
ايندڙ پيار. پيار مان چمي.
”ها. جانئي ٿ.“
ٺڪ.
”بس، اُف“
خماريل، ڇڪيندڙ، طلبيندڙ اکيون.
”در ڏئي ڇڏ نہ.“
شرمايل آواز
”نہ. بس اُف.“
اچرج ۾ ٻڏل اکيون.
ساڻو ٿي پيل هڪ هٿ. مرڪندڙ آواز:
دراصل
”دراصل هيءَ ٽس، مان هلڪل ٿڌو—“
ٻگهر ۾ شل.
”ڇا ڏسان!“
”هيءَ ٽس، مان— لڳي ٿو، امپوٽنٽ—“
ڏکا ساهه. جهڪا نيل: جهاڙو.
جهٽڪ هارايل. ٿڪل، جهڪن ساهن ۾ وڇڙيل.
”پياري، مونکي لڳي ٿو ته مان هلڪل امپوٽنٽ

"ڇا ٿو ڪرين!"

حيراني. گهٽيءَ سان

"هيڏي، اڄ نہ سمهون."

"هيءَ توکي اوچتو ڇا ٿي ويو آهي!"

"بيماري،"

اوليل قرب.

ارهه. پڪڙيل. زور.

"ماري ڇڏني —؟"

چميون

"تون ڏاڍي بيماري آهين."

ڪوليل وار. السائيءَ وچان ڪيڏ.

سهڪو.

"منڙي، تون ڪيڏي نہ بيماري آهين."

هٿوراڙيون جسم تي.

"در بيڪڙيان."

اوچتو ڇرڪ سان:

"هان! ڪير؟"

"ڏس، سلوار ڪٿي آهي؟"

دبيل ٽهڪ.

"تون ڪلين ٿي!"

ٽهڪ.

هوءَ ڪاوڙجي وڃئي آهي؟

احساس اٿم: سائنس ٽيل لعدي هيءَ اهائي منزل آهي، جتي هر پائي پائيوار نيمدڙ ٽر خــود غرضيءَ جي اعلي منزل کي پهتل هوندي آهــي. ضرورت همت. جبلــي ضرورت. ۽ ان آنڌو جهڪاءُ. هوءَ ٻاهر ڇا وڃي ڪري! ٻــا رنڊائي ۾ آهي. رنڊي هوندي. پهرڻجي نصيب ٽي ماٺم. ٻر ان ۾ مدهڊجو ڪهڙو ڏوهه. ڪيس پرڇاڀان. ڇا ٿو ڪري سگهان. نيت مدهڊجو ڏوهه. ٻر، جيڪڏهن هوءَ ٻرڇي ۽ ٻوي، ٽــ ڇا شرم مونکي ويي ٽ چڏيندو. شرم جي ڪا ڳالهه ناهي. ٻر سوال آهي، هن ڪانپوءَ جيڪڏهن شاڪ جو اثر دائمي آهي ٽ، ٻوءَ سندس انهــيءَ سپاوڀڪ ضرورت کي مڪمل ٽسڪين جي حد ٽائين ٻوري ڪرڻ جي لائق.

هڪ اهم سوال: فرض ڪر، ٽ مان لائق نٿو رهان. ٽ ٻوءَ، سندس لاءِ پار؟ جيڪڏهن ڪنهن ۽ سبب، هوءَ مدهڊجي لائق نــ هجي ٽ، مــان: چڪلي، ٻــا پرائيويٽ ڪري سگهان ٿــو. ٻر هن لاءِ چڪلو ڇو ڪونه آهي؟ مرداڻو چڪلو.

ڪيس چوندس ٽ، ٻلو ڪري سگهي ٿي، پعدي پار. هڪ اخلاقي سوال پهڊجڻ جاءِ ٽي آهي. نهائينءَ هيٺان ساڙو.

اٿان: پيشاب ڪيان.

من

ٿي ويو آهيان."

ڳلن ڪان، هٿن ۾ جهلي، شرمساريءَ مان:

"قابل نه رهيو آهيان."

"ها، بلڪل نه."

ٻي وسي. اکين ۾ ڀري آيل پاڻي. هڪ پراڻو سڏ: هوريءَ مٿو، هنج ۾ رکي، وارن سان کيڏي. پيار ڪري ڳراٽڙيون پائي. ڳلن تي ٽمڪيون هڻي، روئي. ڳوڙها، سخت، ٿوڪ ڳلن تان وهي، هنج ۾ پيل مٿهن تي ڪرن.

"سمجهه ۾ نٿو اچي نيٺ توکي ٿي ڇا ويو آهي."

ٿکي چڙ. ڪوفت سان ڀريل آواز.

ڪپڙا لاهي، ٿکي، ٽڪري ٽڪري ٻاهر نڪرندڙ.

ڀڙڪيل وجود، وهائي جي سهاري سان پيل.

اها ڪا اهم ڳالهه ڪانهي. اجايو هلاڪ پيو ٿيان. سيڪس، زندگيءَ لاءِ سڀ نه آهي. هڪ ڀڙشدل انسان لاءِ- پر هوءَ — دراصل لڳي ٿو. مان- وقتي شاڪ سبب.

اوهه! ڪيڏو ڀوائتو.

نه. ائين ناهي. پر مان ڊاڪٽر سان به صلاح ڪري نٿو سگهان. ڪو اهم ڪونه آهي. ٻئي نه صلاح ڪري سگهان ٿو. ٽڪو شرم جي.

اڳندڙ ڇيو.

" نه، مونکي ياد نه آهي."

" جنگ جي زماني ۾ جڏهن اوچتو ساڻون وڃو هو."

ڊينيل، شرمائل ڪڻ.

" ها. ياد آهي."

سوچ ۾ ورتل.

" تون اڄايو پريشان نه ٿيءُ."

خاموش چپ. اي ٽور اکين سان وڃائل سوچ ۾.

" ڇا ٿو سوچين؟"

" ڪجهه به نه —"

گهڙي رکي:

" سوچيان ٿو: ان وقت جنگ هئي. ۽ جنگ جو ڌماڪو. ڌماڪو، جيڪو انسان جي پوري وجود ۽ ڪونڊرن ۽ نازڪ جذبن کي سن ڪري ڇڏي ٿو. جنگ جي ڌماڪي ۾ مرونيل، ناس ٿيل امنگ. انهيءَ لاءِ هڪ معقول جواز آهي."

" پر هاڻي ته امن آهي. چوڌاري امن. امن وارين حالتن ۾ ڀوءِ به انهن ٿيو. جيئن اڄ!

" انهن ڇو ٿيو؟"

" جنگ کان نفرت ڪندي، امن چاهيون ٿا ۽ امن کان به نفرت. هن امن دان. جيڪو ڌماڪي جي ڪک..."

" اوهه! تون نه اڄايو."

۽ ڪيس پرچايان.

” ٻڌ.“

” جي.“

” اِي ليٽي ڇو پئي آهين؟“

” اُهڻين.“

” روئين پئي.“

شرمساري. ڦڪائپ.

” نڪو.“

ڳچ ڙها اگهندي، زوريءَ مڙهيل مرڪ سان

” مونکي احساس آهي. توسان ڪيل زيادتيءَ جو. شرمسار آهيان. توسان ڳالهائيندي ڦڪائپ پئي ٿئي. دراصل، ان ۾ منهنجو ڪوبه ڏوهه ...“

” نه نه. تون اجايو پريشان نه ٿيءُ.“

” ڇو نه ٿيان. جڏهن نه ڳالهه ئي اهڙي آهي. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي، توکان ڪهڙي ريت معافي...“

” الا! مون چيو نه، تون هروڀرو پريشان ...“

” نه هيءَ بلڪل وڏي ڳالهه آهي. مان ان لائق نه رهيو آهيان جو تنهنجو مڙس ٿيان، منهنجو مطلب آهي هڪ مڙس جي حيثيت سان ازدواجي—“

ڀاڪر ۾ ڪندي، ڪهل گڏيل پيار ڀرئي لهجي ۾:

” تون ڪيڏو نه سادو آهين. ٻڌ. — ترڪي ياد آهي، اڳي به هڪ ڀيرو ائين“

ٻوسائي ماري تہ ٻوءِ هڪ ڀرپور خواهش اڀري وئي.

سمجهه ۾ نٿو اچيم نيٺ اها نوڪري تنهنجي ذهن تي چوويهه ئي ڪلاڪ ڇو سوار آهي جڏهن تہ تنهنجي ڊيوٽي رڳو ڪي ڪلاڪ آهي.

تون نٿي سمجهي سگهين ڇري.

ها مان تہ ڪا بہ ڳالهه نٿي سمجهي سگهان.

نہ نہ تون ڪاوڙج نہ منهنجو مطلب آهي.

مان جٽ آهيان جاهل اٿين نہ

نہ منهنجو مطلب هيو اهو ڪونهي پر جڏهن احساس جي اذيت مان، مان گذران ٿو تون ان کي محسوس ڪري نٿي سگهين

سمجهه تہ جيڪڏهن نوڪريءَ مان ڪيڏي ڇڏين تہ پوءِ

ڪيڏو نہ پراڻو خيال آهي

پر ڪيندا ڇو

اهو تہ مان بہ ٻڌائي نٿو سگهان پر ڇوڪري اٿين نئي جو پيو ۽ اسان لاءِ نوڪريءَ مان ڪيڻ سان گڏ سيڪيورٽيءَ وارا غائب ڪيو ڇڏين. هن سان ٿيو انڪري اوس مون سان بہ

ڊاڪٽر چيو هو ڇا اهو ضروري آهي تہ هن سان ٿيو انڪري اوس مون سان بہ ٿيندو

نہ پر سوال آهي تہ

”نه، مان توهان جي لائق نه رهيو آهيان. ۽ ...“
”تون آرام ڪر. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اچايو.“
”ڊانزاچام ڪٿي آهي؟“

اولــڙا

● مان توکي صلاح ڏيان ۽
ڇٽ مٿڙي
تون پڙهڻ ۽ لکڻ ڇڏي ڏي
!

چاڪاڻ ته، توهان جي مڙني پريشانين جو سبب سمجهان ٿو پر مان هينئر لکان ڪٿي ٿو نيٺ سدي وسالا آهن ڪٿي

ها سچي هينئر ته انهن جو نالو نشان به ڪونهي. ڪيڏانهن ويا.

عيوضي ۾
!

ليڪڪن کي نوڪريان ڏيڻ جي عيوض ۾ يا جيل

● گونرنگ ته موت ڏنو هو هڪ ئي وقت جونڪارو پستول ۾ هٿ ۽

۽ اڄ جو گونرنگ هڪ ئي وقت موت ته، هٿ نوڪيل قانون جي بنياد تي اڏيل ڪوٽ اندر پوسانجي

نظرياتي آهي اني هر فرد کي ائين ٻيٺو آهي جيئن مثال طور تون چاهين ته پنهنجو بنيادي حق استعمال ڪندي يا نٿين ذهني اوسر جي آڌار تي پنهنجو مذهب يا نظريو تبديل ڪرڻ چاهين، ته تون ڪري سگهين.

وچايل بهشت جا رهواسي
هن ٻئي ڇيو
سنڌي

جيڪي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ڌاريا آهن ۽ ٻاهر ۽ پنهنجي ئي ڌرتيءَ سان انس رکڻ جي ڏوهه هيٺ عتاب هيٺ آيل

۽ هن اڌو شوڪارو ٻيري اردوءَ واري ليڪچرار ڏانهن نهاري ڇيو

نڌاڻي مفاد بهرحال وڏن مفادن جي تابع هئڻ گهرجن انهين نه

چاڪاڻ ته هندستان ۾ سنڌي ٿوراڻيءَ ۾ آهن انڪري محروج ٿين ۽ چاڪاڻ ته سنڌي هتي ننڍي ٻرڳٽي جا آهن ڪمزور آهن انڪري پنهنجا مفاد مرج ڪن ۽ ٻاڻ ۽

اوچتو ٽوڪ وارو انداز بدلائيندي ولش ٿي
هڪ ٽڪجي

نيٺ اهي ڪٿي رهن چاڪاڻ ته ٿورا آهن

بڪواس

If other people are Victamized of the establishment then my personal freedom is also in danger.

پروفيسر جو اهو دليل

۽ اکيون گهورينديون
تڪي رهيون آهن
پٽين ۾ اکيون لڳل

سومون توسان ڳالهه ٿئي ڪئي تون سنڌي ٻولي ۽ ادب جو استاد آهين جيڪو اڄ اهم ڪونهي جيترو ڪو مملڪتي ادب يا ٻولي هجڻ جو گهرجي نوازڻ انڪري تنهنجي حيثيت آ

معاف ڪجانءِ

۽ ها پڪائيءَ کي آ محض مجبوريءَ هيٺ علائقائي سطح جو شاعر مڃيو ويو آهي سمجهه کٽي ته ڪوٽا سسٽم هيٺ

۽ جڏهن سنڌي ٻي- سنڌيلائيز ٿي ويندا مڪمل پاڪستاني يا اردوي ۽ ڪوٽا سسٽم ختم ٿيندو تڏهن ڪان پڪائي آ

۽ چاڪاڻ ته هو مملڪتي شاعر ناهي ۽ نه نظرياتي لهڪندڙ نظرياتي

۽ اهو ته تون جاڻين ٿو ته اڄ هر رياست جيڪا

اردوءَ جي ليڪچرار ٽنگ اڙائي.

سنڌين ڪي حڪومت هئه. اس ليي ايڪ سنڌيا ڀي الني جرئت سي بات ڪر سڪتا هئه. مئن سب سمجهتا هون.

نهين جناب سنڌين ڪي نهين پاڪستانين ڪي حڪومت هئه. پنو صاحب ايڪ ڪٽر پاڪستاني هئن. يه ايڪ بدنصيبي هئه ڪه وه سنڌ ۾ پيدا هوئي. چنانچه حد سي زياده اور پاڪستان ڪي ليئي ناقابل فراموش خدمت ڪرني ڪي باوجود ڀي وه آپ ڪي ليئي ناقابل برداشت هئن.

ڪاوڙ ۽ ڪروڌ مان پرڪاش ٽڪو ٽڪو ٻاهر ويل.

ٽيچرس روم ۾ اداس خاموشي. زندگيءَ جو ست چوسيل سڀ استاد خاموش.

ڪرسيءَ تي ويهندي خاموشيءَ جي ڇنڊڙ ڇيت کي گهرائيءَ سان محسوس ڪندي پر ويٺل ليڪچرار کان آهستي سوال:

ڇو خير ته آهي؟ سڀ چپ آهن.
هو مسٽر ... گرفتار ٿي ويو ؛ سسپينڊ
اوچتو الڙيل خيال
سنڌين کي حڪومت هئه
ڇوڏاري نهاري
رت نچوڙيل ڇهرا مٿ ۾ ساهه.

انڪري نديا ڪمزور آهن انهيءَ ڪري انهن جا مفاد
اي معمولي آهن غيراهم انڪري ٻاهر کي ختم ڪن ٿا. ٿ.
معروضي حالتون پاڻمرادو کين ختم ڪري ڇڏينديون.
اها ئي تاريخ جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي آهي
الياع

جوش ۾ ايندي
سوال آهي ته اسانجي مٿان جو ڳڙو ڪريو ۽ جنهن
آفت جي عمل ۾ اسانجو وجود، زنده وجود اندران ئي
اندران ڪاٽجي رهيو آهـــي ۽ ان ڪاڻ ۽ ٽڪ ٽڪ جو
وڍيندڙ احساس

اسانجن وڏن ئي ڪيو مڃان ٿو
ڀر ڇا اهو ضروري آهـي ته وڏن جو ڪيتو اسين
ڀوڳيون ۽ اسان لاءِ ته
انکي تاريخي مقدر ڪري مڃون يا تاريخي مقدر
جي آڏو ايندي وات گهڙيون
ڌيمي سوچيندي سوچ جي گهرائيءَ ۾ ٻڏل لفظ
ٻڌهجي سڃاڻپ لاءِ آئيڊنٽيڪيشن لاءِ مٿانهون ۽
سڀرو ته ٽيڙو ئي هوندو
نه ؟

(ڀتين کي به ڪن آهن)
ڏس ٻرڪاش ٻليز هيءَ ڪاليج جي ٽيچرس روم
آهي ۽ تون سمجهي سگهين ٿو ته هتي ڪيتن

سرشتي سان نه ڏِڳو اختلاف رکان ٿو نفرت به ڪيان.
نفرت ڪرڻ جو، حقارت سان ڏسڻ جو حق رکان
ٿو. ڪنهن به شخصيت جي باري ۾ يا خيالن جي باري ۾
ميان کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪريان. حق رکين ٿو ها
بلڪل پر اهو حق محفوظ رکي سگهين ٿو. ٻاهر پڙڪي نٿو
سگهين سانڍي سگهين ٿو. پر جيڪڏهن وائکو ٿيو ته
پوءِ تنهنجو اهو ئي مقدر آهي جيڪو هڪ ڪمزور
جو ٿيڻ گهرجي.

ها سانڍي سگهين ٿو ۽ تنهنجو اهو سانڍيل حق
سانڍاڻو ٻڌجي ڳري ونڊو ڪنو ٿي
يا ته تون سگهارو ٿي اڀرج.

ماڪڙ

پريشان ٿي رهي آهي. سمجهان ٿو ۽ محسوس
ڪيان ٿو. پر ڇا ٿو ڪري سگهان. جڏهن ته مهنجي
پوري جپ سن ٿيندي ٻٽي وڃي. ۽ ٽنگون مڪڙ
ڪاٽي وڃا آهن. پيٽ ڪاٽيندڙ مڪڙ هيٺڙ آنڊا ٽڪي
رهيا آهن. اڄهو، مٽي چڙهي واس ٽاٽين ايندا ۽ پوءِ
جپ رڙڪيندا. ڏکهين ٽنگن جا ڏانداوان- هي ۽
ايذاءَ. ائين نٿو سگهان. ڪيس ڪيڻ وراڻيان. جپ
سن ٿيندي ٻٽي وڃي ۽ مڪڙ ٽنگون جڙڪي پيٽ کي

(ٻنهين کي ٻه ڪن آهن)

● خبر: اشوڪ کي ماري ڇڏيائون
خبر: ع. ق. شيخ گرفتار
خبر: آرنسٽ فتاح گرفتار
خبر: سهڻيءَ تي پابندي. ايڊيٽر گرفتار، پريس سيل
خبر: ابراهيم منشي گرفتار
خبر: ”اڳتي قدم“ تي پابندي. ايڊيٽر تي وارنٽ

خبر
خبر
خبر
خبر

ايڊيل خيال: ”سنڌين کي حڪومت هجي“
پرنس نهار
رت نپوڙيل ڇپرا مٿ ۽ ساهه

● خبر: آئين جو جشن
خبر: ٻاهرين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويندو

خبر
خبر
خبر

● اهو مونکي حق آهي. ڪڏهن ٻاري ۾ ڪوڙا خيال
رکان نقط نظر رکان. اوهانجن نظرين، مقتدر شخصيتن ۽

۽ محسوس ڪيان ٿو: ٻيٽ ڪاٺڻ ڪاٺپوءِ اهي مڪڙ
مڇڻجي زبان ٿا ڳالهائيندا. ٻـوءِ واحد. جب. اندران ٿي
اندران ميڄالي ٿانئين ٻهڇندا، انکي ڪائيندا. ۽ ساھ
جي نالي. اجهو مڪڙ مٿي اُڏاڻو آهي. ۽ ٻيو. ۽ ٽيون.
۽ چوٿون. ۽ پنجون. ۽ وڌندا ٻيا وڃن. مارا! ڪيترا ڪيترا!
جب جي چوٽيءَ کي ٻڌي رهيا آهن. ۽ ڪيترا ٻيٽ
ڪاٺي رهيا آهن ٻيٽ ڪاٺي اهي ۽ مٿي ايندا: جب
ڪاٺڻ، ميڄالو ڪاٺڻ ۽ ساھ جـي نالي. ۽ انئين سڄو
جسم. سڄي هستي- ناس ڪندا. انهيءَ عذاب کي
چگيءَ ريت محسوس ڪيان ٿو. ايذاءَ جو اهو احساس،
جيڪو جيئرو آهـي. جيئرو جاڳندڙ. لڇندڙ. ۽ جنهن
نموني ڦٿڪائي ٿو، مان رڳو ان کان ٻڌجان ٿو. ڇاڪاڻ
۽ اهو ڏاڍو ٻوائتو آهي. هيبت ناڪ ۽ کهڙو مثال
ڏيان: لوڻ ۽ مرچ ٻرڪيندڙ. ۽ ان کان وڌيڪ. ٻهھ
وڌيڪ. ۽ — ڏس! مونکي هٿ نه لاءِ. هـاءِ الاھ!
هيءَ ايذاءُ - مونکي هٿ نه لاءِ انسان؟ مٿي انسان!
ڪيئن انسان؟ ٽڪو ن ته مڇڻجون مڪڙ ڪاٺي ويا
آهن. هيئٿر ٻيٽ ڪاٺي رهيا آهـن ۽ ڪيترا واھ ۾
اڇي زبان ٽڪي رهيا آهن، نيٺ مان ڪيئن اٿان.
ڏسين ٿي! مارا! ڪيترا ۽ مڪڙ آهن. چوڌاري ماڪڙ.
ماڪڙ ٿي ماڪڙ. اُتر ڏانهن ڏس. وري ڏکڻ ڏانهن. ۽
هاڻي هـيءَ ڏس: اوڀر ڏانهن. سمنڊ ڏسين ٿي. ۽
انجي مٿان ماڪڙ ڇانئيل پئي آهي. آسمان وڃانجي

ٽڪي رهيا آهن اڇ، نيٺ اهو لوڪي ڇا ٿي ويو
آهي؟ اکيون ڦاٽل، هڪ هڌ ڇڏي ۾ نڪ ڄميل!
ظاهر آهي ته اهڙو مڪڙن جو انتظار ڪندڙ. اڇي
ٽڪي اڏو ڪن. ڊاڪٽر کي سڏيان. لون جواب ڇونه
ٿو ڏين! منهنجي جيڀ سن ٿي وئي آهي. ڪوشش
ڪندي به ڳالهائي نٿو سگهان. نه نه ڳالهايان ته پيو،
پر لون شايد ٻڌين نٿي، ۽ محسوس به ڪري سگهان
ٿو. محسوس ڪيان پيو: اهو ٽنهنجو آواز آهي.
ٽنهنجون وايون اٿال ٿيل آواز. ٻڌان ٿو. چاٽسان ٿو:
ٽنگون منهنجون ختم ٿي چڪيون آهن، هي ۽ مڪڙ
جيڪي هيٺ منهنجو پيٽ کائي رهيا آهن. نهايت
بي رحميءَ، هوس ۽ وحشاني انداز ۾. لون ان ايذاءَ
جو احساس نٿي ڪري سگهين. مون ٽنهنجو آواز ٻڌو
آهي: نيٺ چپ ڪري ايڏو چڪ ڇو هنيو اٿئي!
هاءِ رب! ٽنهنجو چپ ته رتو ڇاڻ ٿي ويو آهي، ڇا
لون منهنجو آواز ٻڌين ٿي: انهيءَ مان اندازو لڳاءِ ته
مڪڙ ڪهڙي نه بي رحميءَ سان منهنجي پيٽ جو
ماس کائي رهيا آهن. اندازي لاءِ ڇوان ٿو، اهي
هيٺ منهنجا آنڊا ڇني ۽ پٽي رهيا آهن. اڙو!
الله! مونکي همٿ نه لاءِ. مونکي همٿ نه لاءِ. ڏس نه مون ڪيٽن نه هن
اقمت مار ايذاءَ کي قبوليو آهي. ۽ پوڙهي رهيو آهيان.
ڪيڏو نه رحم آهن. ڇنا. منهنجا هوش حواس قائم
آهن. هن حالت ۾ به سڀ سمجهان ٿو. وڏي ڳالهه

ڏوڪڙ ها. هاڻ سڪندا پيا وڃن، ۽ هڏيون، منهنجي
جسم اندر گهر ڪري ويٺا آهن. ۽ ڪيترا، منهنجو
ماس چڪي، پٽي، انجا ٽڪرا پاڻ سان نيو پيا وڃن.
ها ها، چڱيءَ طرح ڏسان پيو. جڏهن مان انهيءَ
پٽ ڪوهه، پٽ. پٽن جي ايذاء جي عذاب کي روح
جي گهرائيءَ تائين محسوس ڪيان ٿو، ڪري سگهان
ٿو ۽ ڪري رهيو آهيان، ته انهيءَ عذاب مان گذرندي،
ڀوڳيندي اکين سان اهو سڀ ڪجهه ڏسي نٿو سگهان
ڇا؟ ڏسان ٿو. ڏسان پيو: منهنجون ٽنگون ٻهرين
ڊٻسي مڪڙن ڪاٽيون. جن جا آنا، هٿي، هن ٽڙيءَ
۾ ڦٽا. (جيئن مان هلي نه سگهان). ۽ پيٽ، ۽ دماغ
۽ جسم - پٽ، سڀ مڪڙ هڪجهڙا آهن، منهنجي
ماس جا ٽڪاٽل- ۽ ڪائيندڙ- چرڪيندڙ. پل هو ڪهڙي
ته ڪنب ڪان آيا هجن، يا انهن جا آنا، هٿي ٿي،
هن ٽڙيءَ ٽي ڦٽا هجن. سڀ مڪڙ هڪجهڙا آهن.
آٻادين کي ڪائيندڙ. وسندڙون ناس ڪندڙ. انهن کي
ڳڙڪائيندڙ حياتيءَ جي سٽ کي چوسيندڙ. ۽ چوسي
چوسي، ناس ڪندڙ سڀ سمجهان ٿو. محسوس ڪيان
ٿو. ايذاء جي سڃاڻ. احساس جي هيءَ شدت — اوهه!
ساري ڇڏيو هو وري ڏس: ماس ڪٽيو پيا وڃن.
اڏامندا. ڪائي ڪائي سڃي پيا آهن. بس، مان ختم ٿي
ويندس. نيٺ لوڪي ٿيو ڇاهي! موڪسي ته سمجهه ۾
نٿو اچي... نيٺ، آخرڪار — آئين ڇو ڪونه ٿيو.

ويو آهي. ٻوسٽ! ها، ٻوسٽ آهي. ٻرٻر ساهه ٿو
ٻوساٽجي. مان به ساهه کڻي نٿو سگهان. اهو ٻوسٽ
ماڪڙ ڪري آهي. ماڪڙ نه رڳو ساوڪ چٽ ڪندي،
زندگيءَ جا اهڃاڻ ڪائيندي آهي. پر، اڃا ڪان اڳ،
ٻوسٽ آڻيندي آهي. گهٽ، ٻوسٽ معدني ۽ ماڪڙ
جا آثار. ڇوڪير ڦهليل ماڪڙ. الاهه! مري ويندس.
مري ويندس. او بيوقوفو ڪجهه رحم ساڻ. قياس ساڻ.
الاهه! ڪجهه نه ڪهل ڪيو. مان ڪيئن ٿو آئي سگهان
محسوس ڪيان ٿو. جنهنءَ طرح محسوس ڪيان پيو:
مڪڙ جي اِي رحميءَ سان ماس پٽي رهيا آهن.

ائين : لڳي ٿو، ڄڻ ائين لڳي آهي. پر مان اٿي
نٿو سگهان. پر نه، اڪ اهو مري وئي آهي. پيٽ جو
مڪڙ پٽي رهيا آهن. ڇوڏاري مڪڙن ۾ وڪوڙيل
آهيان. جيڪي هيٺئر پيٽ کائي، جسم جي مٿين
حصي ڏانهن وڌي رهيا آهن. زبان. جنهنجي چوٽيءَ
کي ڇهنيا پيا آهن. ۽ پوءِ اکيون. جيئن ڏسي نه
سگهان. ۽ پوءِ ڪن، ٻڌي نه سگهان. سڀ محسوس
ڪيان ٿو. جيئن ڳالهائي نه سگهان، هيئنر جو ٿورو گهڻو
ڳالهايان ٿو، اهو ختم ٿي وڃي. ميڄالو، سوچي نه
سگهان. سمجهي نه سگهان. پورو لڏي سرشتو، سڀ
سمجهان ٿو. محسوس ڪيان ٿو. سڀ ڪجهه ڏسي
سگهان ٿو. اهو جنهنءَ راحت ڏسان پيو: ڪيترا مڪڙ
آهن. جيڪي منهنجو ماس کائي ٿلها ٿيندا پيا وڃن.
جڏهن هو پهريان هتي منهنجي جسم ۾ آيا هئا،

ڪرڻاڪ پيڙا مان گذرندي، گذرندي جاڳان ٿو ته، مونکي ٻه ناس ڪرڻ لاءِ ٿي مگر لڪن جي ڳاڙهائي ۾ وڪوڙي ويا آهن. چڻي، ڀٽي، ٻوري سگهه سان اڳرائيءَ سان، هيٺ مان ڪاٽي رهيا آهن. ها، حياتيءَ جون اهي گهڙيون، جنهن ۾ آهستي آهستي، موت ڏانهن، ڏڪجندڙ، ۽ انهيءَ جو چٽو احساس ٿي هيءَ ڪيڏانهن ويٺي! ڊاڪٽر کي سڏڻ؟ پانهان ٿو، ها، ته: ڊاڪٽر کي ٿي سڏڻ ويٺي آهي. انهن ٿي لڳي ٿو. پر منهنجون ٽنگون ته - اڄهو، پيٽ ۽ ڪاٽي جهاڻ ختم ڪيا ٿون. ٿي پر منهنجي پيٽ جو گوشت اڃا هلندو. ڳچ وقت تائين اڃا هلندو ۽ هو، ڪاٽي ڪاٽي، منهنجي شڪل ڦيرائي ڇڏيندا. ڪهڙي شڪل ٿي ويندي. سڃاڻپ کان ٻاهر. جهٽڪ هوس ٿي ڪوڻ. پر ڊاڪٽر ڇا ڪندو! ڇا، هو، منهنجي هن احساس کي، جيڪو منهنجي وجود کي ٻي رحميءَ سان رانپوڻا هڻي رهيو آهي، ڪاٽ جو احساس، ڇڏائي سگهي ٿو. اڙي ماري ڇڏين! ڪيڏو نه ٻي رحميءَ سان ٽڻا ماس پٽين. نيٺ مگر آهن. رحم ڪهڙو: سڌن ڪاچ جو ٽيو. ۽ اهڙي رئيس زنده. رهڻ جو ڏانءُ جو ٽين. نه ته مري نه وڃن! چون ٿا ته ڪينسر ته انهن هوندو آهي: جسم ۾ اهي ڪرهل، اوپرا، اڻبنا رمل گهر. جيوڙا، جيڪي ٻهنجو ڪاچ جسم جي نارمل، ٽئان جي اصل ڪم ڪندڙ گهر. جيوڙن کان

ٻڌڻ نٿو چاهين! سڀ ٻڌان ٿو. ڏسان پيو: تنهنجو
واڳون ڦٽال ٿيل مهانڊو ڏس ته: ڪيئن نه مڪڙ، اڌ مئلا،
جسم جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ٿي ڇهنڊندا پيا
وڃن. هوڙهيائي سان. هيڏي سان. اي رحم هيڏي.
منهنجي جيڀ نه ڏس! ۽ ڪيڏي اٿاوليءَ ۽ هوڙ مان
ٻٽي رهيا آهن. ڏسين ٿي نه؟ پر مان ڇا ٿو ڪري
سگهان: منهنجو آواز، منهنجي ئي اندر ۾ قاتل آهي.
مان نه پنهنجو آواز چڱيءَ ريت ٻڌي سگهان ٿو. پر
پاڻيان ٿو، تون نٿي ٻڌي سگهين. نه نه جيڪر تون - ۽
مان توکي ٻڌايان ته، مان ڪهڙي نه، ڪهڙي نه. نٿو
سمجهيم نه ڪهڙو لفظ استعمال ڪيان. جيڪو هن
احساس کي ٽڙ ۽ ٻڌي، چڱيءَ ريت تو تائين رسائي. تمام
پنهنجن اکين سان ڏسان ويٺو، مان ڪاڇي رهيو آهيان.
مان ڪاڇي رهيو آهيان. اکين سان ڏسان ويٺو:
منهنجون ٽنگون، منهنجي اکين آڏو مڪڙ چرڪي
ويا، ڀورين نه مونکي لڪائي ڪانه ٻئي، پر ٻوءِ جڏهن،
پيٽ ٿي ڦٽا ۽ ٽڙگهٽ ٿي. منهنجو پيٽ، منهنجن
اکين آڏو، مڪڙ ڪائين پيا. ڏسان پيو ٿو. پنهنجي
ڪاٽ جو هر ذرو. ڏسان پيو، ان احساس مان گذران
پيو، ته مڪڙ مونکي ٽڪي رهيا آهن. ٽڪي ٽڪي،
منهنجي وجود جو ڇڇل پاڳو رڙڪي ويا آهن. ۽
اي رحميءَ ۽ هوڙهيائيءَ سان رڙڪين پيا. منهنجو
پيٽ، جيڀ، ساه جي نالي، ٽڙگهٽ، مغز ۽ هن

ڊاڪٽر کي وٺڻ وئي آهي. ڊاڪٽر، هي منهنجا حال
ڏس! مگر ڪاٿي ويا آهن. ننگون ۽ پيٽ، ٻر هيءَ
چپ چو آهي! ۽ هوءَ روئي چو پيئي! ڇا ڪيس به
مگر - ها، اهو ڏينهن اوس اچڻو هو. ٻر هتي نه
ڪير آهيئي ڪونه! وهر! الاهه! اي وسي ڪيڏي.
ائي به نٿو سگهان. ننگون مگر ڪاٿي ويا آهن. ۽
پيٽ، ۽ چپ، ۽ نڙگهٽ، ۽ ساهه جي نالي ۽ ميڇالو ...
ٻر جي ڊاڪٽر آيو نه ڇا سوچيندو. ننگون ڪونه آهن.
مگر ن ڪاٿي ڇڏيون آهن. ٻر رت! هتي نه ڦڙو به
ڪونه آهي، ڦڙو به نه! نالي ساڻو به نه! رت ڏسي
وارداٽ ٿيندي آهي. وارداٽ ڏسي دنيا وارن،
ڏسندڙن جي ضمير کي ڇڪي ايندي آهي. ٿيل گهر
کي نديو ويندو آهي. ۽ا همدردي. اوهه! هيءَ ڪهڙا
مگر آهن: جيئن جيئن گڙڪائيندا ٿا وڃن، رت-ڦڙو
به ڪونه ٿا ڪيرائين! وارداٽ ٿي مٽايو ڇڏين. مٽائي
رهيا آهن. جڏڪ ڪجهه ٿيو ٿي ڪونه هجي! ڪيڏا
نڪا ۽ سياڻا مگر. هٽو، هٽو، هٽو چڪ. توهانجي
ٻاپ جي ملڪيت آهي نڌڪا جو ٿياسين. اچا به
توهان جي لاءِ - پوري سگهه، اڳرائيءَ واري اُچل ۽
هوڙهيائيءَ سان پٽيو. چدو. اپٽرو اپٽرو ماس پٽي،
چڏي ڪاٺڻ ڪانپوءِ به، ايڏي هوَس. لالچ جڻ نه ڪلهن
ڪجهه ڏنو ٿي نه هجيوَ! اي وحشيءَ سان پٽي، چڏي،
ڪاٿي ڪاٿي ماري اڇڏيندا. گڙڪائي ويندا. سڄو ٿي

چڱي ڀلي حاصل ڪندا آهن. ۽ انهن کين کائي کائي، ناس ڪري ڇڏيندا آهن، سڄي جسم جي سڀاوڪ سرشتي کي ڏانوانڊول ڪري، اندران پورو ڪري، آخر ختم ڪري ڇڏيندا آهن. انهن تي نٿو سگهي ته، مڪڙن هٿان، انهن، بي رحمي سان مرڻ بدران، هڪ ئي ڀيرو ٻاٽڪي - پر اهو ناممڪن آهي انهن ٻاٽڪي ماري نٿو سگهجي. جيڪڏهن جانور پڻ پوءِ جهڙي ڪمزوريءَ هيٺ ئي سهي، ٻچاٽيءَ واري مهل تائين ته، پاڻ بچائڻ لاءِ، جيتري رهڻ لاءِ همٿ ڀير هٽي ٿو. مان ته انسان آهيان. ساڳي. انهيءَ پاڻ بچائڻ، جيتري رهڻ واري جهڙي ڪمزوريءَ سان نوازيل. پر هيءَ ڪهڙا مڪڙ آهن! جن جي واسطي لڳڻ سان، منهنجي وهيل ڪهيل جسم ۾ اهڙو زهر اوتجي ويو آهي، جيڪو جيتري رهڻ جي سڀاوڪ آس کي به ختم ڪندو پيو وڃي. لڳي پيو، زنده رهڻ جي جوش جهڪي ٿيندي پئي وڃي. ها! انهيءَ جو اهو سبب ٿي سگهي ٿو ته مڪڙ گهڻا آهن، چوڦير پکڙيل، جيڏانهن اک کڻي نهار ته، ۽ منهنجي وجود سان اهڙو پٽ چهٽيل جو، ڪا واهه نظر نٿي اچي. يا اهو به سبب ٿي سگهي ٿو ته، ديسي مڪڙ؛ جيڪي هن ذريءَ جي آن مان ڦٽا آهن، ساڻن مليا ويا آهن ۽ هڪ ٻئي کي سگهه بخشي اٿن. يا اهو به ٿي سگهي ٿو. ڇا ٿو ٿي سگهي؟ منهنجو ته مٿو ٿو ڦري. پوانٽي. پوسٽ. ساهه ٿو گهٽجي. اجهو جاڳ هوش ويو. هان! اجهو اچي ويا. مون ڇيو نه هو، ته هوءِ

۽ مان ٻوڙو ئي ويو هجان ... سو مون اوهانکي ٻڌايو
پئي، ڊاڪٽر صاحب، اها تاريخ جي ڪهڙي ٽريجڊي
آهي، انهي ٽريجڊيءَ لاءِ ڪهڙي اصطلاح جي
چٽڪي لڳايون: جڏهن به ساڳي ٻوليءَ وارا، ساڳي
پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي به هڪ ٻئي کي نه
سمجهن! ڇا اوهان منهنجو جهيڻو، نستو آواز ٻڌو پيا.
يا اوهان نه منهنجي رڙ به ڪانه ٻڌي هئي! يا مونکي
وسهاهه آهي ته، مان جنهن عذاب مان گذري رهيو
آهيان، اوهان انکي محسوس ڪندا هوندا. سمجهي
سگهندا هوندا. احساس جي گونگي زبان کي سمجهڻ
به ته ڪا گهٽ ڳالهه ڪانه آهي. مان وقلان ٿيو؟ نه
نه، ڊاڪٽر نه. مان اکين سان ڏسان پيو: مگر اوهانکي
به ڪانئين پيا. ڇت پيا ڪن. مان ڏسان پيو. اوه! منهنجي
زال کي به وڇڙي ويا آهن! مان ڏسان پيو. اهو نظر
جو دوکو ڪونهي. پڌري پٽ حقيقت آهي. اوهانکي
نظر نٿو اچي! اوهانجي جسم جو به هڪ پاسو مگر
ڪاٽي ويا آهن. ڪانئين پيا. مان اوهانکي ٻڌايان ٿو.
هيءَ حقيقت آهي. پهه ساپياوان. نڪو رو سچ.
اوهان وسهاهه ڇو ڪونه ٿا ڪيو! ڇا منهنجي ٻولي نٿا
سمجهو. مان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهيو آهيان. ها،
سنڌيءَ ۾. پنهنجي ٻوليءَ ۾. ته: اوهان به مگرن
جي وڪڙ ۾ اچي ويا آهيو. سمجهو ڇو ڪونه ٿا.
محسوس ڇو ڪونه ٿا ڪيو! عذاب جي پيڙا مان ٻوڪيو

سچو. جيئن ڪن ٻيا. ٻهرين ٽنگون ڳڙڪايائون، پيٽ
تي مارو ۽ ڇپ ۽ دماغ ۽ ساهه جي نالي ۽ ٿڙڳهت.
ٻر مسان ٻانهون نه هلائي سگهان ٿو. ٻانهن کي ته
چڏبڙيل آهن. ٻر انهن کي هلائي سگهان ٿو. انهن کي
هلائي، مڪڙن کي هڪلي سگهان ٿو. ها، هڪلي
سگهان ٿو. جيئن — اوه! اڇو، اڇو ڊاڪٽر صاحب.
اوهان اچي ويا. ٿسو، مهرباني ڪري منهنجي ڙال
کي رنڊ ڪان جهليو. چاڪاڻ ته جڏهن مڪڙن لڳا پيا،
منهنجي الوجود کي ڏڙڪائي ڇڏيو آهي، لڏهن هن امڪان
کي رد ڪري نٿو سگهجي ته، هنڪي ته وٽ ڪن.
شايد اوهان منهنجا لفظ نه ٻڌا. جائي ته اوهان نه ٻڌا
آهن! ڊاڪٽر، مسان سنڌيءَ ۾ پيو ڳالهايان. ها ها،
سنڌيءَ ۾. جيڪا اسانجي ٻنهنجي زبان آهي. اوهان
واقعي ڪونه پيا سمجهو. اوهان! ڪيڏي نه ٽريجڊي
آهي: اسين هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ آهيون: سنڌي.
۽ مان سنڌيءَ ۾ ئي پيو ڳالهايان پر اوهان نٿا سمجهو!
هيءَ اوهان جي ڳالهه ناهي. نڪو تعجب جو سوال.
هيءَ ته تاريخ جي اها درگهٽنا آهي، جنهنجو مثال
شايد ڪٿي به نه ملي. ڪٿي به نه. هيءَ اها ٽريجڊي
آهي. اوهه. الاهه. دانهن ڪندي، مون سمجهيو ته،
منهنجون ڦوڪيل نسون ڦاٽي پونديون. ڊاڪٽر،
مان ساڻائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جهٽڪ سمورو
سمو، انهيءَ ڪيل رڙ سان ٻاهر اوڳاڇجي آيو هجي.

جو انهن قاتل لفظن کي اوڳاڇي ٻاهر ڪيون. اس.
اس. منهنجي مٿي ٿيون نه روءِ. ڊاڪٽر منهنجي
زال کي ونڃڻ کان جهل. هاڻي مان سمجهي ويو آهيان.
تنهنجون اکيون به رونڌاڙڪيون ٿـي ويون آهن
ڊاڪٽر، تنهنجا لفظ به ٻڌيءَ ۾ قاتل آهن ۽ منهنجي
زال جا به. مان پروڙي ويس: اوهان ايذاءَ جي احساس
کان سڪتا ناهيو. مان سمجهي ويس: اوهان به مون
وانگر اڻ مـان گذرو پيا. ڀوڳيندي ئي، فرار ٿجاءِ،
اوهان انهيءَ ڀوڳنا کي ٻڌهنجو ڪيو آهـي. انس جي
حد ٿائين. ۽ ٻوءِ انکي، هڪ ضرورت ڪري — ڇا
اها انبدارمليءَ ناهي؟ سڀ ڪجهه سهڻ، اکيون ٻوٽي،
۽ ٻوڙي سگهه سان، ٻڌيءَ مـان ٻاهر ايندڙ آڻن لفظن
کي دٻائي ڳيتون ڏيڻ. ۽ دٻائڻ لاءِ ڳيتون ڏيڻ - اوه!
ڪيڏو نه پوائنتو! چاڪاڻ ته. اسين، لفظ ٻاهر ڪڍي
ٿا سگهون جي فطري طور نڪرڻ چاهين ٿا. پياري،
مهرباني ڪري نه روءِ. الله! هي سهڪو مونکي ماري
وجهندو. مون کيترو ڳالهايو آهـي! هاڻ ته چڪڪ.
ٿجاءِ ڊاڪٽر، ٿجاءِ. مـان جيئرو و جاڳندو جيئو آهيان.
مرڻ ٿو چاهيان. ڪوبه جيئرو و جاڳندو مرڻ نه چاهيندو.
ڏس، سڀ ڪجهه ڪاڄندو پيو وڃـي. جيڪڏهن ڪاڻ
جي اها رفتار رهي ته ... هـو ڏسو، مڪڙ اوهانکي
ڪيئن چهٽيا پيا آهن. تو ڏانهن، ۽ منهنجي گهر واريءَ
ڏانهن، ڪيئن اڏامندا - اسين ٻچي ٿا سگهون؟ هان

چو ڪونہ ڏسا! مڪڙن اوھانجن حسن ڪـي. اي حس
ڪري چڙھيو آھي؟ تہ انهن ٻهراڻ اوھانجن حواسن تي
حملو ڪيو. تعجب آھي، اوھانکي سڌ نہ پئي! مونکي
ارمان آھي، اوھان مدھڃا لفظ نہ ٿا ٻڌو. جڏھن ٻڌو
ئي نٿا تہ سمجهندؤ ڇاھ مونکي ارمان آھي! ۽ عجب
بہ ٿا، اوھان ڄاڻندي بہ اڄاڻ ٿا ٿيو. حيائيءَ سان
موھہ جـو - اھڙي رھت، اي وحشيءَ سان انت. جو
ڦٽڪو بہ نٿا. اھو تہ اوھان بہ ڄاڻو ٿا، ھڪ ٻتڪڙو
جيو بہ موت جي آخري گهڙيءَ تائين بہ جيئري رھڻ
لاءِ جتن ڪندو آھي. حيلا وسيلا ھلائيندو آھي. نہ تہ بہ مرندي
مرندي ڦٽڪندو آھي. اوھان تہ انسان آھيو. (۽ مان
بہ تہ!) ھا، ڊاڪٽر، اسانجي اھائي ٽريجڊي آھي:
اسانجو آخري پساھہ بہ المناڪ ٿيندو. بنھہ سانتيڪو.
سواءِ ڪنهن گوڙ جي. ٿڌو. برف جهڙو. چٽڪ ڪجهہ
ٿيو ئي ڪونہ! ابتداءَ ڪان خالي. ابتداءُ ئي تہ زندگيءَ
جي پساھہ جـي علامت آھي. ۽ اوھان ان ڪان خالي
آھيو. مـسان ٻڪواس ٻيو ڪيان نہ. اوھان تہ مدھڃا
لفظ ٿي نٿا ٻڌو. لفظ نڙيءَ ۾ قاتل آھن. ٻاھر نڪري
نٿا سگهن. جهل آھـي نہ. انڪري، ۽ اسين سڀ ان
قهر جـا ماريل آھيون: لفظ نـڙين ۾ قاتل. ڦاسي ڪڏ
ٿيندا پيا وڃن. ٻـاھر نڪرڻ لاءِ آتا. پر نٿا نڪرن.
ڇاڪاڻ تہ پٽين ڪي ڪن آھـن. ڇاڪاڻ تـہ پٽين ۾
اڪيون لڳل آھن. ڇاڪاڻ تہ اسان ۾ اھا سگهہ ناھي،

ڊاڪٽر؟ اهڙي ڪا واهه ڪانهه آهي؟ جيئڻ جي آس،
ڪيترائين ليڙون پائيندي. پر اها آس، اندر ئي
اندر پوسائجي مري ويندي. پر آس، اهڙي به ته
سهي نه. اظهار جا لفظ نڙيءَ ۾ قائل. ٻاهر نڪرڻ لاءِ
آتا. جيئڻ جي آس ڦرڙاٽيون پائيندڙ. سيربيل پاريل
ڦٿڪندڙ. هو ڏسو! مار! مگر اوهانکي ڪيئن ڇهڻيا
پيا آهن. ٽوڪي به. ها، ٽوڪي به ۽ ٽوڪي به. مونکي به
ٽوڪي به... اڙي اڄڻ جي ڪا واهه ڳوليو. هي مگر
ٻهه شڪل بگاڙي ڇڏيندا. ۽ انت آڻيندي- هو ڏسو!
اوهه! اوهانکي ڏسڻ ڇو ڪونه ٿا اچن! هي بلڪل
سچ آهي، بلڪل حقيقت ڇو ڪونه ٿا ڏسو: ٽوڪي به

Regd. No. MAH 745 TNA 3 Licence No. 1
Licence Without Prepaymer
Independant Day issue 1986

Sindhi Times

(Registered as a Newspaper in India)